# سُورج هوندي مُرجهايل



نجم عباسي



# سورج ھوندي مرجھايل

( ھڙئي ڪھاڻيون اڻچپيل )

نجم عباسي

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
1982ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڇهون ڪتاب

ڇپائيندڙ : نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

ڇپيندڙ : غني جي پرنٽرس، هوم اسٽيڊ هال
ڇاڙهي حيدرآباد.

پهريون ايڊيشن : ڊسمبر 1982ع

قيمت : 15-00 رپيا

( سڀئي حق ۽ واسطا مصنف جا قائم )

---

SURIJ HUNDEY MURJHAYAL (stories) by NAJAM ABBASI. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed. Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition December 1982.

# پنهنجي طرفان

هن سال جي شروع ۾ اسان واعدو ڪيو هو ته انشاالله هر مهني هڪ ڪتاب شايع ڪنداسين. هن ڪتاب (نمبر ٣٦) جي شايع ٿيڻ سان اسين پنهنجي واعدي ۾ پوري طرح ڪامياب ٿيا آهيون. اهو سڀ ڪجهه الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم، اديب دوستن ۽ پڙهندڙن جي سات جو نتيجو آهي. اسان کي خوشي آهي ته نه صرف پڙهندڙن پر گهڻن اديبن به اسان جي ان ڪوشش کي ساراهيو آهي ۽ اسان کي مبارڪن جا خط لکيا آهن ۽ اسان جي گهڻي همت افزائي ڪئي آهي. اگر اديب دوستن ۽ پڙهندڙن جو سات برقرار رهيو ته انشاالله ايندڙ سال (١٩٨٣ع) به هر مهيني هڪ ڪتاب شايع ڪنداسين. اهڙيءَ طرح ڊسمبر ١٩٨٣ع تائين اسان جي اداري جي ڪتابن جو تعداد ٤٨ تائين پهچي ويندو.

ڪافي پڙهندڙن کي اها شڪايت آهي ته سنڌي ڪتابن جي قيمت گهڻي هوندي آهي. (جيڪا ڪافي حد تائين صحيح پڻ آهي) اسين هت صرف پنهنجي اداري جي ڪتابن جي قيمت بابت به اکر لکنداسين ته اسان جي قيمت ٻين جي ڀيٽ ۾ نه صرف گهٽ هوندي آهي بلڪ اڇو ڪاغذ ۽ هر هڪ صفحي ۾ گهڻو مواد پڻ هوندو آهي. ان کان علاوه ٽائيٽل وغيره تي پڻ ڪافي محنت ۽ خرچ ٿيل هوندو آهي.

سنڌي ڪتابن جي قيمت جي گهڻي هجڻ جو وڏو اهم سبب گهٽ تعداد ۾ ڇپجڻ آهي اگر ٻن يا ٻن هزارن کان وڌيڪ تعداد ۾ ڇپجن ته گهٽ خرچ اچڻ ڪري قيمت گهٽ ٿي سگهي ٿي.

ادارو

## نجم عباسيءَ جا اڄ تائين ڇپيل ڪتاب

| | |
|---|---|
| ١- طوفان جي تمنا (ٻه ڇاپا) | ١٩٦٩ |
| ٢- پٿر تي ليڪو | ١٩٧٣ |
| ٣- ڳاڙهو لالٽين (ٻه ڇاپا) | ١٩٧٤ |
| ٤- جيڪي منهنجي من ۾ آهي | ١٩٧٧ |
| ٥- ناچڻي | ١٩٧٨ |
| ٦- ايڏو سور سهي | ١٩٧٨ |
| ٧- مون پڙ ڳايو هو | ١٩٧٩ |
| ٨- ڏنم اڻ ڏٺل | ١٩٨٠ |
| ٩- رشتا ناتا | ١٩٨١ |
| ١٠- اڪيلا نه آهيون | ١٩٨٢ |

**احمد شيخ:**

سنڌ پرنٽنگ پريس جو مالڪ،
جلد سازيءَ جو ماهر،
زيب ادبي مرڪز جو روح روان،
جي ناليءَ،
جو
سنڌي ادب جو
خاموش ترين خذمتگار آهي.

## منهنجو يارهون ڪتاب

هن کان اڳ واري منهنجي ڪهاڻين جي ڪتاب ”رشتا ناتا“ تي تبصرو ڪندي، قاضي خادم ڪهاڻي نويسيءَ جي سلسلي ۾ واقع نگاري (Factualism) جو نئون اصطلاح استعمال ڪيو آهي. واقع نگاري، حقيقت نگاري (Realism) کان الڳ آهي تہ واقع نگاريءَ ۾ اصل واقعي سان گڏ شهرن، ڳوٺن، رستن، بزارين، جاين ۽ ڪن حالتن ۾ ماڻهن جا نالا اصلي ڏنا وڃن ٿا. منهنجي هن ڪتاب جي ڪجھہ ڪهاڻين ۾ Factualism جو رنگ آهي.

دنيا جي ٽين ملڪن ۽ خاص ڪري ٽين دنيا جي ملڪن جون ڪي گهٽنائون، ذهن ۾ متحرڪا هڻي لڳنديون آهن ۽ دل ۾ ڏاڍي بي آرامي پيدا ڪنديون آهن ۽ انهن جي بنياد تي ڪهاڻيون وجود وٺنديون آهن. اهي ڪهاڻيون علامت نگاريءَ جو هڪ روپ هونديون آهن. مون ٽين ملڪن جي راڄنيتي، پنگتي ۽ گذراني حالتن جي پٺڀين ڏيک ۾ ڪهاڻيون لکيون آهن، جن مان ڪي هن ڪتاب ۾ ڏيان پيو.

منهنجي سدائين اها خواهش هوندي آهي ۽ پوري ڪوشش ڪندو آهيان تہ ڪتاب جي هر صفحي ۾ گهڻي کان گهڻو مواد اچي. مون ڏٺو تہ منهنجي هن ڪتاب جا پبلشر ”نيو فيلڊس پبليڪيشنس“ وارا خود ان خيال جا

آهن. هو نه رڳو ڪتاب اوچي پني تي ۽ خوبصورت ڇپائن ٿا، پر هنن جي هر طرح اها ڪوشش هوندي آهي ته لفظ ڳتيل هجن ۽ هرهڪ صفحي تي گهٽ کان گهٽ سٽون ڪمپوز ڪيون وڃن. هن ڪتاب ۾، گهڻو مواد ماپائڻ لاءِ، ٻن ڪهاڻين (جڻن جو تئن، نارنگي ڏرتي) ۾ تجرباتي طور، پئرا بدران چار ٽپڪا (....) ڏني، لاڳيتو ڪمپوزنگ ڪرائي وئي آهي. البت اهو ضرور آهي ته انهن ٻنهي ڪهاڻين جي نوعيت ئي اهڙي آهي جو پئرا جي ڪا خاص ضرورت به ڪانهي .... نيو فيلڊس پبليڪيشنس جي هي خوبي، جنهن مونکي خاص خوشي ڏني ۽ متاثر ڪيو، سا آهي ڪم جي برجستگي. هن سڄي ڪتاب جي ڇپائي (ٻه سؤ صفحن کان مٿس) ٻن هفتن جي رڪارڊ وقت ۾ پوري ڪرائي وئي....

جيئي سنڌ!

نجم عباسي

۹۵- يونٽ نمبر ۲
لطيف آباد، حيدرآباد سنڌ.

۱۷- نومبر ۱۹۸۲ع

# فهرست

## ڪهاڻيون


| | |
|---|---|
| ۰۱ سورج هوندي مرجهايل | ۹ |
| ۰۲ سمنڊ ٿو پڪاري | ۴۷ |
| ۰۳ پڙاڏا | ۵۸ |
| ۰۴ ابتڙايون | ٦۱ |
| ۰۵ جڻ جو ٿڻ | ٦۹ |
| ۰٦ سوچون سرويچن جون | ۹۷ |
| ۰۷ عظيم | ۱۲۱ |
| ۰۸ هو فرينچ هو | ۱۳۴ |
| ۰۹ ٻنيو | ۱۴۳ |
| ۰۱۰ ڪونج ٻڌائي آڪاڻي | ۱۵٦ |
| ۰۱۱ ڪڙڪو، ڪڙڪو، ڦڙڪو | ۱٦۱ |
| ۰۱۲ ڏڪندڙ ڏيل جو اٽل ارادو | ۱٦۷ |
| ۰۱۳ آواز ڏي ڪٿي آن! | ۱۸۱ |
| ۰۱۴ نارنگي ڌرتي | ۱۹۱ |
| ۰۱۵ ڪاري ڪاوڙ | ۲۰۲ |

۲۱ مئي ۱۹۸۱ع

## سورج ھوندي مرجهايل

ھو ڪراچيءَ مان ٿي ڪُرڪندو آيو: ”ھيءَ به ڪا موسم ھئي شاديءَ جي تاريخ رکڻ جي. ھڪ ٻھراڙيءَ جي ٻُسائي ۽ ٻوريت، مٿان وري اتر سنڌ جي گرمي. پر آھي پاڻيجيءَ جي شادي، جي نه ھلبو ته پيڻ چوندي ته ھڪڙو ئي ڀاءُ اھو به نه آيو.“

مون ھيڏانھن ھوڏانھن نھاريندي چيو ”تون اڪيلو پيو ڏسجين، ڀاڄائي ۽ ٻار ڪٿي؟“

”ھھڙي گرميءَ ۾ ٻارن کي رلائڻ ڪا شرافت آھي. انڪري ھنن کي ڪونه آندم.“ ھو ھرويرو به اکيون ملائڻ کان لھرائي رھيو ھو.

”وڏو ڪو پلستر آھين. سڌو سنئون چونه ٿو چئين ته پنھنجي ڪليمي زال تي وس نه ٿو ھلئي. مونکي پڪ آھي ته جي ھنجي پنھنجي پاڻيجيءَ جو پرڻو ھجي ھا ته اتر سنڌ جي گرمي ته ٺھيو پر سبيءَ جي گرميءَ ۾ به ھڪ ڏينھن بدران اٺ ڏينھن اگھ وڃي سھڙي ھا.“ مون چڙي چيو.

”پوءِ ائين ڪٿي سمجھ ته مان به توھان ٻين شھري مڙسن وانگر زن مريد آھيان.“ ھن ڪڪو وکو ٿي وراڻيو.

ھي ھو منھنجو دوست ۽ مائٽ جو شفن مان ڦري ڊاڪٽر شفيع محمد ٻنجي ويو ھو. چاڙھو نپيو تہ لاڙ جي ھڪ ڳوٺ ۾ ھو پر ايم-بي-بي-ايس پاس ڪرڻ کانپوءِ پندرھن سال کن ولايت ۾ رھيو. شادي ڪراچيءَ مان ڪئي ھئائين. ۽ ھينئر اسپتال بہ اتي ھئس، انڪري ھو نہ پنھنجي ڳوٺ ويندو ھو، نہ اسانجي ڳوٺ ۽ نہ ڪنھن ٻئي ڳوٺ ۾. وڏ ۾ وڏ ڪراچيءَ مان ھتي مون وٽ حيدرآباد ۾ ايندو ھو. ھينئر بہ منھنجي ڳوٺ وھاڻ تي ھتان گڏجي نڪرڻا ھئاسين. ڪنوار، جا ھنجي ڀائيجي آھي سا منھنجي ڀائٽي ٿئي ۽ گھوٽ منھنجو ڀائيجو ھو. منھنجا ٻار ھفتو کن اول ڏي ڳوٺ پھچي ويا ھئا.

* *

موٽر ۾ نڪتاسين تہ واٽ تي شفن مون کان پڇيو:

”گھوٽ ۽ ڪنوار لاءِ ڪھڙا تحفا ورتا اٿئي؟“

”گھوٽ واسطي ھڪڙو پلو اجرڪ ورتو اٿم ۽ ڪنوار لاءِ شاھہ، سچل ۽ ساميءَ جي ڪتابن جو سيٽ.“

”اڙي مروان، اجا اھي ڪنجوسيءَ جون عادتون ڪونہ ڇڏيئي. خبر اٿئي مون واري زال گھوٽ ۽ ڪنوار لاءِ ڇا ڇا وٺي ڏنو آھي؟“

”ٻڌاءِ ڪٿي.“

”ڪنوار لاءِ نوين سوني وارو بنارسي جوڙو آھي، ان سان گڏ سئو رپئي واري پوتي آھي. پوتي تہ سئو رپئي واري آھي پر ان تي سادي ٽين سوين جي پرائيءَ جو ڪم ٿيل

خبر هئي ته هو ٻه ڪوٺ ويل آهي پر ڀوءِ ٻه خالي گهر ۾ پيرو پرڻ جو خيال ڪيو هيئن. در کڙڪايو سين ته چوڪيدار ٻاهر نڪري آيو. هو سٺر سالن جو پوڙهو هو. تمام ڏٻرو، ڏڳهي اڇي ڏاڙهي، بدن گدلو ۽ مٽرُ سان ڀريل، چپ خشڪ، نرڙ تي نماز جو داغ، فقط ميري ۽ ڦاٽل گوڏ پهريل. اسان پنهنجي سجائپ ڪرائي. اندر ٽورو وڻاسين ۽ ناڙي چوڙ ڪئيسين. وچڻ وقت پوڙهي چوڪيدار بنا چتاءَ جي چوڻ شروع ڪيو:

”نماز پڙهندا ڪريو، نماز ۾ وڏو ثواب آهي، نمازي بهشت ۾ ويندو، هيءَ دنيا چار ڏينهن آهي، آخرت جي دائمي زندگي آهي، ان لاءِ توشو ناهيو....“

مون ڏٺو ته شفن پوڙهي کي ٺوڪ وارو جواب ڏيڻ وارو هو. مون هنکي اشاري سان منع ڪئي. هن پوڙهي جاهل سان ڪهڙو بحث.

هو چوندو رهيو ”.... بهشت ۾ وڏيون وڏيون نعمتون آهن....“

اسان سان گڏ منهنجو هڪ سوٽ به موٽر ۾ سفر ڪري رهيو هو. ان وقت هو حيدرآباد مان آندل ڪولر مان پاڻي ڪڍي پي رهيو هو. مون رڙ ڪري هن کي چيو: ”اقبال، ان مان چاچي کي به ٿڌو پاڻي پيار ته هتي ئي بهشت جو مزو وٺي.“ پوڙهي جو ڳالهائڻ بند ٿي ويو. مون ڏي نهاريائين ۽ مرڪي ڏنائين. هڙئي ڪاڙهي ۾ ٿڌو پاڻي پيڻ سان سچ پچ ته هنجي چپن تي محسوس ٿيندڙ تازگي ۽ هن

جي منهن تي محسوس ٿيندڙ رونق مڙي آئي. مون موقعي جو فائدو وٺندي چيو: ”چاچا، تون ته اڻ ڏٺي بهشت جون پيو ڳالهيون ڪرين، پر هڪڙا انسان اهڙا به آهن جي پنهنجي سوچ، ڪاريگري ۽ محنت سان ڌرتيءَ تي بهشت جون نعمتون پيدا ڪري يا بهشت جي ٻڌايل نعمتن کان وڌيڪ نعمتون پيدا ڪري بهشت جا يا ان کان به وڌيڪ مزا پيا ماڻين. اسين به چاهيون ٿا ته گڏيل محنت ۽ ڪاوش سان هن دنيا کي بهشت بڻايون، نه رڳو مسلمانن لاءِ پر سڀني انسانن لاءِ.“

خبر ناهي هن منهنجو ليڪچر سمجهيو يا نه پر چيائين:

”هائو ابا، خدا خوش رکيو.“

هاڻي گرمي چوٽ تي پهچي چڪي هئي. ڪن هنڌ گرميءَ ڪري رستي جو رجيل ڏامر اڀريل نظر اچي رهيو هو. ڪٿ ڪاري شيديءَ پنهنجي چمڙيءَ تي تيل جي لپ مکي هئي.

ڪنڌياري ۾ ظفر سان ملياسين. اتان اڳتي هلياسين ته شفن چيو:

”ڏسجي ٿو ته تنهنجي اٺ ويهه ۽ لهه وچڙ سنڌي اديبن، دانشورن، سياسي ڪارڪنن ۽ شاگردن سان آهي. هن شاگرد نوجوان جي به سوچ تعميري ٿي ڏٺي.“

* *

هڪ ٻجي ڏاري پنهنجي ڳوٺ خانواهڻ جي ويجهو پهتاسون. ڳوٺ وٽن ۾ ويڙهيل ٿو نظر اچي. ڪافي وڏڪار آهي.

”اسان هي دهل به پنهنجي مرضي ڪري هٿ ڪيو آهي.“ ڪنهن ٽين ڇوڪريءَ ٻڌايو.

ٻئي طرف هڪڙو ڪمرو ڪاغذ جي رنگين ڦٽيلن، جهنڊين ۽ گلن سان گهوٽ ڪنوار لاءِ سينگاريو ٿي ويو. ٻه ٽي ڇوڪرا، ۽ ٻه ٽي ڇوڪريون ان ڪارج ۾ رڌل هيون. منهنجون ٻئي ڪڪيون هن ڪم ۾ ٻين کان سرس سرگرم ٿي ڏٺيون. مون شفن کي چيو:

”توکي شايد ڇاڻ يا احساس نه هجي پر خوشيءَ جي اظهار جا هي نمونا يعني دهل وڄائڻ، سهرا ڳائڻ ۽ گهوٽ ڪنوار لاءِ ڪمرو سينگارڻ اسانجي آکهه ۾ انقلابي تبديليءَ جا اهڃاڻ آهن.“

٭ ٭

هينئر گرمي گهٽي ٿي وئي هئي. اندر ڪمري ۾ هلندڙ بجليءَ جي پکي جي هوا به ڇوڇڙين جو ڦوهارو ٿي وسايو. شفن جو ڪرڪڻ شروع ٿي ويو: ”هي ته برداشت کان ٻاهر گرمي آهي، ڇڻ کوري ۾ ويٺا آهيون. اڃا ته رات گذارڻي آهي، اڃا ته ڇو ويهه ڪلاڪ هتي بسر ڪرڻا آهن.“ ڪاڪوس مان ٿي آيو ته ڇپادُين مڇُٽ ته مان جٺن ٽِڻن ڪري آيس پر ههڙي ڪليل گندگيءَ ۾ منهنجو ڏورو ته چڙهي ويندو. مون ٻڌايو مانس ته انڪري ٿي مان جڏهن به ڳوٺ ايندو هوس ته جهنگ جي خيال کان ٻاهر جهنگ ۾ هليو ويندو هوس، پر ان مقصد لاءِ جيڪو ڦِتل واهه هو سو لِتَني اتي آبادي ڪئي وئي آهي ۽ جيڪي جهنگ هئا سي به وڃجي ويا

اچي مڙنديون ۽ انهن کي ڪنوار کي ملڻ ڏاجو ڏيکاريو ويندو. مونکي خيال آيو ته ڀڪيءَ جو مزو ئي هن برسات ۽ طوفان خراب ڪري ڇڏيو هوندو.

ڪلاڪ سوا آڪاش پنهنجو غصو ڇنڊيندو رهيو. وسي وسي نيٺ بس ٿيو.

چنتا اها ظاهر ڪئي وئي ته شاميانا، ڪرسيون ۽ ٻيو سامان ترڪ ۾ سکر مان اچڻو هو، سو سلامتيءَ سان پهچندو الائي نه، ۽ پهچي ويو ته هن پاڻي ڀريل پــڊر ۾ بندوبست ڪيئن ڪري سگهبو. ٻئي ڏينهن ڏهين بجي صبح جو رسمون شروع ٿيڻيون هيون. ٢

هاڻي گهر پهچڻ جو مسئلو هو.

شفن چيو: ”اسانجي لاڙ ڏي ته ڪلراٺي ۽ سم واري زمين آهي. اها مينهن جو پاڻي چهندي ئي ناهي. پر اتر لاءِ چوندا آهن ته چيڪي مٽي ٿيندي آهي، جا مينهن جو پاڻي جلدي چهي ويندي آهي.“

”سڌو ميدان هجي ۽ ٿوري برسات پئي هجي ته شايد پاڻي جلدي جذب ٿي وڃي. پر بارش پئي آهي ڏاڍي ۽ وري آهن کڏون ۽ کوٻا، سو کي ڏينهن پاڻيءَ جا ڍُبا بيٺا هوندا. وري هيءَ چيڪي مٽي آلي ٿيڻ سان اهڙي ترڪڻي ٿي پوندي آهي جو بيپرواهيءَ سان ماڻهوءَ پير رکيو ناهي ۽ ترڪيو ناهي، اهڙو وڃيو ڦهڪو ڪري جو ٿپڻ وڃيو پٺ سان نڪاهُ ڪري.“ مون تبصرو ڪيو.

گهر ته رڳو سؤ کن وکون پري هو، پر اوستائين پهچڻ

هينئر سولو نہ رهيو هو. رات جا ڏنوَ وڃي رهيا هئا. گهٽيءَ ۾ پيئي ٻوڙ ڏاڍو گندو پاڻي بيٺي ويو هو. گهٽيءَ جي وچ ۾ هيٺاهين هئي ۽ پاسن کان لاهيءَ واري چيڪي مٽي ترڪٽي ٿي پئي هئي. ٻيو ڪو چارو ڪي ڪونہ هو، سواءِ پاڻي جهاڳڻ جي. شفن، مونکي ۽ ڪرنل کي گهر ڏي پهچڻو هو. نڊيو سوٽ اسانجي رهنمائي ڪرڻ لاءِ اڳيان ٿيو. ڪانئڇن جا ور متي ڪنياسين ۽ چمپلون هٿن ۾. گهٽيءَ جي وچ مان جهاڳيندا هلياسين. پوءِ ڪوڙي ٿي ڪنياسين ۽ قدم سنڀالي آهستي آهستي اڳيان ٿي وڌايوسين. پوءِ هيٺ گپ ۾ گپي ٿي ويا. چيڪ چيڪ جي آوازن جي وچ ۾ مون چيو:

”شايد ٽيهن سالن ڪانپوءِ اهڙو اتفاق ٿيو آهي جو ڳوٺ ۾ هوندي مينهن پيو آهي ۽ جهڙي طرح مينهن جي پاڻيءَ ۾ جهاڳڻو پيو آهي جهڙي طرح ننڍي هوندي جهاڳيندا هئاسين ۽ هن پاڻيءَ ۾ ٻوڙون پائيندي، ترڪندي، مستيون ڪندي کيڏندا هئاسين.“

پيا پڻ منهنجي ان ياد سان سهمت ٿيا.

نلڪي جي پاڻيءَ ۾ پير ڌئندي شفن چيو: ”هن مينهن جي پاڻيءَ مان جهاڳڻ منهنجي دل جي ڪنهن ڪنڊ کي وڻندڙ پئي لڳو. مونکي ڪا چاڙل يا ٻالڪپڻ ۾ مائيل خوشي ٿي محسوس ٿي.“

* *

اڇا ماني پئي کاڌيسين تہ ڪجهہ چوڪريون آيون ۽ اچي

هنکي ايندي ڪونہ ڏنو آهي. جڏهن اسان ننڍا هئاسين تڏهن گهر تي هنجو وڏو اثر ۽ رعب هو. اسانجي انگريزي پڙهڻ جي ڏاڍي مخالفت ڪيائين. هنجي ئي سختيءَ ڪري پيو تہ نهيو پر شاديءَ جي موقعي تي بہ گهر ۾ لاڏا ڪونہ ڳايا ويندا هئا، ۽ نہ دهل وڄايو ويندو هو. نہ رڳو ايترو پر پاڙي يا ڳوٺ ۾ جنهن وهانءَ تي دهل وڄندو هو ان ۾ شريڪ ٿيڻ يا پٽ ڪاڍڻ حرام هو. فوٽو ڪيڙائڻ تہ پري رهيو پر ڪا تصوير ديوار تي ٽنگڻ جي اجازت بہ نہ هئي. ڏسجي ٿو تہ پوءِ هو هن خاندان کي پنهنجي راهہ تي هلائڻ کان نااميد ٿي ويو ۽ هتان هليو ويو. مون سوچيو تہ جي هو هن وقت هتي هجي ها تہ هنجو هيانءُ ڦاٽي پوي ها.

نچندڙن ۾ منهنجي ان ڀاءُ جا بہ ٻہ پٽ آهن، جو مامي جو مريد آهي ۽ هنجي ٻڌايل ڳوٺ ۾ رهندو آهي. ان ڳوٺ وارا انگريزي نہ پڙهندا آهن ۽ پنهنجن ٻارن کي ڳوٺ واري مدرسي ۾ داخل ڪندا آهن، جتي عربي ۽ فارسي پڙهائي ويندي آهي. ان ڳوٺ ۾ ٽي-وي تہ نهيو پر ڪو ريڊيو بہ نہ رکندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن وٽ آهي بہ تہ هو ان تي فقط خبرون ۽ قرآن ٻڌي سگهي ٿو. راڳ ٻڌڻ هنن جي عقيدي موجب حرام آهي. هو پردي جا ايترا پابند آهن جو پنهنجي سڳي ڀاءُ کان بہ پنهنجي زال کي پردو ڪرائيندا آهن. منهنجا هي ٻہ ڀائٽيا، جن مان هڪ جي عمر ١٢ سال ۽ ٻئي جي ١٠ سال آهي، سي جڏهن بہ هتي ايندا آهن تہ ٽي-ويءَ جو پاسو ئي نہ ڇڏيندا آهن ۽ ڏاڍي شوق ۽ چاهہ سان ان

جا پروگرام ڏسڻ ۾ مگن رهندا آهن. هينئر به هو پنهنجن عزيزن ۽ هڪجيڏن سان ساٿ ڏئي، بنا ڪنهن جي چوڻ جي، آڏا ابتا پير هلائي ۽ هٿ لوڏي ڏاڍي مزي ۽ موج سان نچي رهيا آهن، ۽ مان سوچيان ٿو ته انسان جي اڏمن ۽ ماحول جي اثر کي روڪڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

منهنجيون ٻئي ڀينر، جن جي ويهه ٻاويهه سال اڳ جڏهن شادي ٿي هئي ته ڪنهن لاڏي جي هڪڙي مصرع به نه ڳائي هئي، سي اڄ پوري آواز سان ڳائي رهيون آهن، خوب نچي رهيون آهن ۽ سيني کان وڌيڪ نچي رهيون آهن. اڄ سندن پٽ جي شادي آهي.

وڏيون مايون به موجود آهن ۽ بيٺي بيٺي هٿڙا هلائي هلائي ڳائڻ ۽ نچڻ ۾ ساٿ ڏئي رهيون آهن.

گهر جو هر ڀاتي هن موقعي تي پنهنجو خوشيءَ جو اظهار ڪري رهيو آهي.

بزرگ مردن مان فقط مان ۽ شفن موجود آهيون. شفن جي رخ ۾ به هاڻي ڦيرو اچي ويو آهي. هو خوشگوار ۽ موجي موڊ ۾ آهي ۽ ننڊ وسري وئي اٿس. اهو ڦيرو مينهن جو پاڻي جهاڳڻ کان پوءِ شروع ٿيو هو. ان جو سبب گهٽيءَ مان جهاڳڻ ڪري لاشعور مان ننڍپڻ جي ڪنهن خوشيءَ جو جاڳڻ هو، يا ڪاڙهي بدران ٿڌڙي هير شروع ٿيڻ يا هنن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جون معصوم ۽ خلوص ڀريون خوشيون ڏسي.

هو چوڻ لڳو: ”مون کي جي خبر هجي ها ته هتي

ٻاهر نڪري آئي. اهڙي طرح گهر جا ٻيا ساٿهو هن وٽ ان ڪمري ۾ آيا ويا پئي. نه هن کي اڌو ٽڪيو ويو هو ۽ هن کي هر ڪنهن کان منهن لڪائڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي. هيئنئر به هوءَ ان ڪمري جي دريءَ جو هڪڙو طاق کولي ھيءَ محفل ڏسي رهي هئي.

نچڻ ۽ ڳائڻ جي وچ ۾ چانهه جو دور به پئي هليا. پوءِ اسان ڏٺو ته ڇوڪريون ٻريل ميڻ بتيون ٿالهين ۾ ڇنبڙائيي، اهي ٿالهيون هٿ جي ترين تي رکي گول چڪري ۾ نچڻ لڳيون. شفن مون کي چيو:

”هي ته واڏڪو نمونو آهي.“

”واڏڪو نه پر موهن جي دڙي جو، ان ڪري سنڌين جو.“ مون چيو.

”ها يار، سچ ٿو چئين.“ هن جهولندي جواب ڏنو.

اهو ٻڌائي ڇڏيان ته اسان جي هنن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي نچڻ ۾ ناچ واريون فني خوبيون ڪونه هيون. هيءَ ته آڏا ابتا قدم کڻڻ ۽ بدن جي بي ترتيب چرپر هئي، رڳو ان ۾ خوشيءَ جي جذبي جو سياويڪ اظهار هو. وري سنڌي لاڏو ۽ سنڌي ساز، سو اهڙو تي مزو آيو جو دل ٿي چاهيو ته اٿي سڀني سان گڏجي نچجي، پر ايتري اخلاقي همت ڪانه هئي.

پريان به ٿي ڇوڪريون پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳيون ۽ پوءِ منهنجي وڏي ڪڪي اسان ڏانهن آئي ۽ اچي چيائين ته بابا، سڀ چون ٿيون ته توهين ۽ چاچا شفن به اچي ناچ

۾ شامل ٿيو. وڏي مشڪل سان هن کي ان ڳالهہ تان لاٿوسين.

مان تہ اچا بہ عجب ۾ هوس تہ اسان جي ٻارن ايتريون شيون ڪيئن سکي ورتيون آهن، جيتوڻيڪ هنن ٻڌايو هو تہ هنن انن ڏينهن کان اهو شغل جاري رکيو هو ۽ مشق ڪئي هئي.

پوءِ ڇوڪريون ٻن قطارن ۾ ٽي بيٺيون ۽ ڇوڪرا گول چڪرو ڏاهي سندرا ٻڌي بيٺا. هوجمالو شروع ٿي ويو. ڇوڪريون ڳائي رهيون هيون ۽ ڇوڪرا نچي رهيا هئا. مون کي ڏاڍو مزو آيو.

رات جا ٻہ وڄي چڪا هئا. وڏيڪ ننڊ روڪڻ مون لاءِ محال هو. شفن کي چيم تہ مان وڃي ٿو سمهان.

هن چيو: ”اڄ رات مان نہ سمهندس. اڄ رات سنڌي رات آهي ۽ اهڙي رات روز نہ ايندي آهي. صدين کان پوءِ مون کي سنڌي خوشي حاصل ٿي آهي.“

شور هوندي بہ مون کي هڪدم گهري ننڊ وٺي وئي.

* *

صبح جو ڪپڙا لٽا مٽائي، سھي سنهري ٻاهر نڪتاسين تہ ڏٺوسين تہ گهر جي گهٽيءَ جي گپ وارو بارش جو پاڻي، جنهن جو ڪو نيڪال ڪونہ هو، ۽ جو سڪڻ ۾ ٻہ هفتن کان وڌيڪ وٺي ها، سو ڪونہ هو ۽ گهٽي هلڻ لائق بڻائي وئي هئي. اوطاق جي اڱڻ ۾ هڪڙي پاسي وڏو شاميانو لڳايو ويو هو، جنهن اندر تلهو ٻڌايو ويو هو ۽ ڪوچ ۽ ڪرسيون قطارن ۾ ترتيب سان رکيون ويون هيون. ٻئي

پروگرام ايترو ئي هوندو هو.“

”اهي سنڌي وڏيرا به پنهنجي ڪرسي بچائڻ خاطر هنن جا محتاج هئا ۽ انهن کان ڊڄندا هئا.“

”شهرن ۾ گوڙ گهمسان ڪري ڪرسيءَ تان لاٿن به انهن. اسان جن وڏيرن کي ووٽ ڏئي ڪامياب بنايو، انهن به ڀوتو ڪونه پاريو. پنهنجي ٻوليءَ لاءِ ايترو به ڪري ڪونه سگهيا ۽ اسين پنهنجا ناٽڪ ۽ پنهنجا راڳ ڏسڻ ٻڌڻ کان سڪندا رهون ٿا. اسانجي ئي درتيءَ تي اسانجي ٻوليءَ کي نه ٿو ليکيو وڃي. ڇنبو ته شهرين جو وڏو ڪو زور آهي.“

”اهي ڪي اسان کان وڌيڪ دلير ڪونه آهن. پر هنن جي پاڻ ۾ ٻڌي آهي ۽ هڪ هنڌ گڏيل رهن ٿا ۽ هڪدم هجوم ٺاهي ذڪري بون ٿا. اسان ۾ به جي ٻڌي هجي ۽ اسانجو ڪو سونهون هجي ته اسين پنهنجا حق حاصل ڪري سگهون ٿا.“

* *

ٿورو پريرو هڪڙي ڪاليجيءَ کي ڏٺم. هن کان پڇيم:
”پنهنجن سائين سان جيل ۾ ملي آئين؟“

”ها سائين، ڪالهه ئي ويو هوس. هنن جا حوصلا بلند آهن. هنن کي اڳئين هفتي جيل ۾ ڦٽڪن جي سزا ٻڌائي وئي آهي. هنن چيو ته اسانکي سزا جي پرواهه ناهي. هيءَ ته معمولي شيءِ آهي. ديس خاطر آئرلنڊ جي باٻي سئنڊس بک هڙتال ڪري سر ڏنو آهي.“

”بابي سئنڊس ڪير آهي؟“ ڪنهن وچ ۾ پڇيو.

”ٽي صديون اڳ انگريزن پنهنجي پاڙيسري ملڪ آئرلنڊ تي قبضو ڪري انکي غلام بنايو. اتي انگريز زميندارن کي زمينون ڏنيون ويون ۽ انگريزن جي وڏي تعداد کي اتي آڻي آباد ڪيو ويو. انگريز آبادڪارن جي آمد جاري رهي. ١٩٢٠ع ۾ آئرلنڊ وارن آزاديءَ جي جنگ لڙي پنهنجو ملڪ انگريزن کان آزاد ڪرايو. پيو تہ سڄو ملڪ آزاد ٿي ويو پر انجي هڪڙي صوبي اتر آئرلنڊ تي انگريز پنهنجو قبضو جاري رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. انجو سبب اهو هو جو ان صوبي ۾، آدمشماريءَ ۾ اتي جي اصلي رهاڪن کان انگريز گهڻائي ۾ آباد ٿي ويئا هئا. هاڻي اتر آئرلنڊ جا اصلي رهاڪو پنهنجو هي صوبو انگريزن کان آزاد ڪرائڻ واسطي گوريلا جنگ لڙي رهيا آهن. بابي سئنڊس اتر آئرلنڊ جو گوريلا اڳواڻ هو. هنکي گرفتار ڪري جيل ۾ رکيو ويو هو. جيل اندر هن مرڻ تائين بک هڙتال انڪري ڪئي هئي تہ گوريلن کي سياسي قيدي ليکيو وڃي ۽ نہ اخلاقي ڏوهاري. هنجو اهو مطالبو نہ مڃيو ويو ۽ هو مرندو مري ويو پر ماني نہ کاڌائين.“ ڪاليجيءَ ٻڌايو.

”سائين اهو گوريلو ڪير ٿيندو آهي؟“ هڪ هاري سوال ڪيو.

”گوريلو سياسي ڌاڙيل ٿيندو آهي. رواجي ڌاڙيل دولت ڦرڻ لاءِ وڙهندو آهي ۽ دولتمندن کي ڦريندو آهي، گوريلو ديس خاطر وڙهندو آهي ۽ ديس جي دشمنن کي ماريندو آهي.“

ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي ته هر اها شيءِ جيڪا سچ آهي، سا ئي سونهن آهي. سچ، سونهن آهي ۽ آزاديءَ کان وڏيڪ دنيا جي تختي تي ٻي ڪا بہ سونهن ڪانهي. پر ان سچ ۽ سونهن کي حاصل ڪرڻ جي راهہ ۾ بدصورتي ۽ ازلي ڪوجهائپ جا راڪاس رنڊڪ آهن. آزاديءَ کي ڳڙڪائي ويندڙ بلائون ئي آهن، جن وٽ سگهہ بہ وحشي آهي ۽ ان جو استعمال بہ وحشياڻو آهي. ان وحشيپڻي جو شڪار، دنيا جي اکين اڳيان بابي سنڌس ٿي ويو.

پر اهو تاريخي عمل آهي ۽ زندگيءَ جي سونهن کي بقا ۽ جلا بخشڻ لاءِ نهايت ضروري بہ، چاڪاڻ تہ جيوت، جيڪڏهن پنهنجي سونهن مان ڪو حصو قربان نہ ڪندي، ۽ ڌرتيءَ تان قرباني ڏيڻ وارن جو ڪال ٿي ويو، تہ پوءِ هيءَ دنيا، مصلحتن، ٺڳين، مڪر، ڏاڍ مڙسي، منافقي ۽ حرامخوريءَ جو جهنم بڻجي ويندي. ان ڪري اهڙي قرباني ڏيڻ جو فلسفو ڏاڍو ڳهرو آهي، بظاهر ڏاڍو اٽانگو، پر نهايت لازم ۽ ان کي سڌ ڏيڻ وارن جو ڪال نہ پوي.

بابي سنڌس جي موت کان پوءِ ماڻهن جي اک پٽجي وئي. بظاهر جمهوريت جي ڏيک ڏيندڙ معاشري ۾ ماڻهن جي چونڊيل عيوضيءَ جو هن ريت مري وڃڻ، ماڻهن جي اک پٽائڻ لاءِ ڪافي ثابتي آهي."

* *

شفن کي پنيان کو پنهنجو واقفڪار نظر آيو، سو اتي هن سان ملڻ ويو. موٽيو ته ٻڌايائين ته هڪ همراه کي ڏاڍو مناسب گفتو چوندي ٻڌم. هو چئي رهيو هو ته اسان کي پنهنجن گيتن جون لشڪري ڌُنون ناهڻ کپن، جڏهن ٻڌڻ سان اسان ۾ قومي جذبو ۽ اتساهه اڀري ۽ جوش پيدا ٿئي.

* *

هن وقت سيني جو ڌيان شاميانـي جـي در ڏانهن ڇڪجي ويو. سڀ ڪنڌ ورائي اُڏانهن نهارڻ لڳا. شاگرد ۽ شاگرديائيون اندر گهڙي رهيون هيون. اڌ ڏهه کن ڇوڪرا هئا ۽ اڌ ڏهه کن ڇوڪريون. ڇوڪرن کي ڪلهن تي اجرڪ هئا ۽ ڇوڪرين جون پوتيون اجرڪ جـون هيون. انهن مـان گهڻن مون کي سڃاتو ٿـي. سڀ مون سـان ڏاڍي سڪ ۽ عقيدتمنديءَ سـان مليا. ڇوڪريون ڏسـي گهڻن ٻهراڙيءَ وارن جا وات ڦاٽي ويا هئا.... هھڙيـون سهڻيون، صحتمند، سگهاريون ۽ بيباڪ ڇوڪريون. نه هنن جي چرپر ۾ چلو لاڏي هئي، نه لباس ۾ ڏرڙائپ. نه سرخي پائوڊر سان سينگار ۽ نه ڳالهائڻ ۾ هلڪڙائپ. هنن جا پُر وقار گنڀير مرڪندڙ چهرا ڏسي هنن لاءِ ڪشش ڪندڙ عزت جو جذبو ٿي پيدا ٿيو.

ڇوڪريون گهر ڏانهن هليون ويون ۽ ڇوڪرا ٽڙي پکڙي جدا جدا هنڌن تي وڃي ويٺا. ڪجهه وقت کان پوءِ هنن کي پير وارن سان ڪچهريءَ ۾ مشغول ڏٺو ويو. اهو

معلوم ڪرڻ لاءِ ته هو ڪهڙي قسم جون ڳالهيون ڪن ٿا، شفن اٿي وڃي ٻن ٽن اهڙن ڇوڪرن جي پرسان ويٺو. موتي اڃي ٻڌايائين ته ڇوڪرا ڏاڍي سولي، اثرائتي ۽ پياري نموني ۾ ڳوٺاڻن کي سندن پنگتي ۽ راڄنيتي حقن جو احساس ڏياري رهيا آهن ۽ هنن جي معاشي مشڪلن جو اصل ڪارڻ سمجهائي رهيا آهن ۽ انهن تي قابو پائڻ ۽ حقن حاصل ڪرڻ لاءِ عملي تدبيرن جو خاڪو به ذهن نشين ڪري رهيا آهن. پڇاڙيءَ ۾ چيائين:

”ٻهراڙيءَ جي عام رهاڪوءَ ۾ هيءَ تبديلي پڌري آهي ته هاڻي هو ڪتن ۽ ڪڪڙن جي ويڙهين ۽ گناهه ثواب جي ڳالهين بدران سياسي بحث ڪن ٿا ۽ پنهنجي سماجي ۽ اقتصادي حقن حاصل ڪرڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا. هو مُلي ۽ وڏيري کان وڌيڪ قومي ڳالهيون ڪندڙ شاگرد کي اهميت ڏين ٿا، پيرن فقيرن کان وڌيڪ سياسي اڳواڻن جي پچار ڪن ٿا.“

خبر پئي ته شاگردن جي ان ٽوليءَ کي ڪوٺ ڏيڻ ۽ هني آڻڻ جي ڪارگذاري منهنجي ان پاڻتي جي هئي جو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو آهي.

* *

يارهين ڏاري گهوٽ کي ٿلهي تي آندو ويو. گهوٽ پيءُ، ڪنوار پيءُ ۽ نڪاح پڙهڻ وارو ملو به اتي اچي ويٺا.

شفن چيو ”چو گهوٽ کي موڙ ٻڌل ڪونهن؟“

منهنجو به ان طرف ڌيان ڇڪيو. مون چيو ”اسانجي

خاندان ۾ اها رسم ڪانهي."

"ان ۾ ڇا هي، اها ته هڪ بيضرر شيءِ آهي ۽ هن ميڙ ۾ اڻ واقف به سمجهي وڃي ها ته گهوٽ ڪهڙو آهي."
ششمن چيو.

مون پاڻ سوچيو ته موڙ پائڻ ۾ ڪهڙي قباحت هئي يا ان ۾ مذهبي منع ڇو ٿي ٿي سگهي جو اسانجي وڏن ان دستوري رسم کي نظرانداز ڪيو هو. اها ته واقعي ڏي گهوٽ جي سڃاڻپ لاءِ ضروري رسم آهي. تنهن ڪانسواءِ اسانجي شاديءَ جي گهڻن لاڏن ۽ سهرن جو مرڪزي موضوع موڙ ئي آهي.

مون چيو "گهوٽ کي ڪو هار ئي اچي پارائي ته به گهوٽ جي نشاندهي ٿي وڃي."

مون ايترو چئي بس ڪيو ته هڪڙي همراهه گهوٽ جي ڳچيءَ ۾ نوٽن جو هار اچي پاتو. پوءِ هارن جي بارش شروع ٿي وئي. مونکي نئين ڳالهه اها نظر آئي ته هرڪنهن نوٽن جو هار آندو هو. اڳي ڳوٺن ۾ ۽ شهرن ۾ اڄا تائين گهوٽ کي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ نوٽن جو هار پارائيندو آهي. گهڻو ڪري تازن گلن يا زري ۽ ڪاغذ جي گلن جا هار پارايا ويندا آهن.

نوٽن جي هارن ناهڻ تي ڪافي محنت ڪئي وئي هئي. نوٽن کي موڙي ۽ نوٽن تي ڇپيل تصويرن جو سهارو وٺي وڻندڙ ڊزائينون پيدا ڪيون ويون هيون. شاهه پڌايو ته ڀرارڙيءَ ۾ نوٽن جا هار پارائڻ جو رواج هاڻي عام ٿي ويو

نہ ڏنو مڃي، انڪري ڪنهن ڪان بہ وري سنڌيءَ ۾ پڙهايو وڃي. خير ڳالهہ ڪي چرچو سمجهي ختم ڪيو ويو. حيدرآباد ۾ جتي منهنجي اسپتال آهي، ان پاڙي جي هڪ پوڙهي ڪليمي وڪيل جي پنهنجي پٽ جي ضد تي سندس عشق واري شادي تي ڪرائي. ڪنوار وارا شيعا هئا ۽ وڪيل پاڻ سني هو. ڪنوار وارن شيعائي نموني نڪاح پڙهايو. پوڙهي وڪيل پنهنجي پٽ کي ڪنن کان وٺي روڪي رکيو ۽ هنکي زال سان ايستائين ملڻ لاءِ نہ ڇڏيائين، جيستائين پنهنجا چاچي واپس پنهنجي گهر وٺي اچي نڪاح وري سني نموني نہ پڙهايائين.“

* *

نڪاح ڪانپوءِ تماشا تي ورهايا ويا تہ شاگرديائيون وري اچي سهڙيون. اسانجي ڇوڪرن اول ئي شامياني جي هڪ حصي مان ڪرسيون هٽائي اهو خالي ڪيو هو. شاگردن وچ تي ڪئسيٽ وڇائڻو رکيو ۽ ان سان بہ لائوڊ اسپيڪر ڳنڍيا. پوءِ انجي چوڌاري گول چڪرو ٺاهي بيٺا، اهڙي ترتيب سان جو لاڳيتو بہ ڇوڪرا يا بہ ڇوڪريون نہ هيون پر هڪ ڇوڪرو تہ هڪ ڇوڪري. ڇوڪرن پنهنجي اجرڪ جو سندرو ٻڌو هو ۽ ڇوڪرين پنهنجي اجرڪ جي پوتي ڪلهي تان ورائي، ان سان ڇاتي ڍڪي چيلهہ وٽ انکي ڳنڍ ڏئي ڇڏي هئي.

هڙو هو جمالو نچڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. ماڻهو هنن کي حيرت سان ڏسندا، هنن جي چوڌاري اچي مڙيا هئا.

ڪئسيٽ وڄائڻي جو بٽڻ دٻايو ويو. اهڙو دهل وڳو، شرناءِ جو آواز اهڙو بلند ٿيو جو سيسرات نڪري ويو. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گنڀير مرڪندڙ چهرن سان تاڙين جا ٺهڪا ڪندا نچڻ لڳا. ڪئسيٽ جو آواز بلند ٿيندو ويو:

اسان جو جمالو سنڌڙيءَ سان ....
هو جمالو !
سائي ڌرتي سنڌ جي ....
هو جمالو !
جاني ماڻهو سنڌ جا ....
هو جمالو !
سپاهي آهيون ديس جا ....
هو جمالو !
سپاهيءَ جي سرسي آ ....
هو جمالو !
آگ آهيون، آگ آهيون ....
هو جمالو !
دشمن لاءِ آگ آهيون ....
هو جمالو !
همٿون هٿن ۾ ....
هو جمالو !
ڪهاڙي ڪلهي تي ....
هو جمالو !

سپاهي آهيون ديس جا ....
هو جمالو !

ماڻهو منڊجي ويا هئا، ماڻهو سراپجي ويا هئا، ماڻهو خمارجي ويا هئا. هو اتساهه ۾ نچندڙن جي تاڙين سان گڏ بيتحاشه تاڙيون وڄائيندا رهيا.

* *

هڪ بجي ڌاري ڪاڏو ڪارائڻ شروع ڪيو ويو. ماني ڪائي ٻاهرين مهمانن موڪلائڻ شروع ڪيو. گهڻ ماڻهن چيو هي مناسب وقت رکيو ويو آهي. عام طرح ٻهراڙيءَ ۾ رات جو نڪاح وغيره جو پروگرام رکندا آهن. ان ۾ رسمن پوري ڪندي رات لڙيو وڃي ۽ ٻاهرين مهمانن جي رهائش ۽ هنڌ بستري وغيره جو ڪپو ڪرڻو پوي. اڄ جمعي جو موڪل جو ڏينهن آهي. پرڏين شهرن وارا به صبح جو اتان هليا ته هتي منهل تي پهچي ويا ۽ هاڻي واپس گهر پهچي سگهندا.

شفن حيدرآباد ۾ چيو هو ته مونڊڙن ۾ سان پهريون شخص هوندس. ڪوڙ مهمان هليا ويا ۽ مانيءَ ڪان واندو ٿيندي هن ڪي گهڻ منهل تي وڌي هئي، پر اڃا هن وڃڻ جو خيال نه ٿي ڏيکاريو. جڏهن مون هن کي ٻڌايو ته شام جو مون کي پنهنجو پروگرام آهي، جڏهن به مان هتي ايندو آهيان ته هتي جي سنڌي ادبي سنگت وارا ڪچهري رکندا آهن، اڄ به اها ڪچهري رکي اٿن، ان ۾ شعر ۽ ڪهاڻيون پڙهيون وينديون ۽ ادب تي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي. ان

تي چپائين تہ مان ھتي اچا ڏينھن اڌ رھڻ ٿو چاھيان. ادبي سنگت جي ڪچھريءَ ۾ بہ ھلي شامل ٿيندس. پوءِ ھو ڪُلي پيو:

”منھنجي گھر جو ماحول ڏاريو آھي. اتي جي اٺٽي وھٽي، رھڻي ڪرڻي، ڳالھائڻ ٻولائڻ سڀ ڏاريو آھي، پوءِ ڪٿي منھنجو پنھنجو رت ڇو نہ ھجي، مان وچايل ھستي آھيان. ھتي مان ائين ٿو محسوس ڪريان ڄڻ پنھنجي ماحول ۾ موٽي آيو آھيان. ڪراچيءَ ۾ منھنجي گھر جو ماحول غير فطري آھي. غير فطري ان خيال کان تہ سنڌ جي سرزمين تي ھر غير سنڌي ماحول غير فطري لڳي ٿو.“

٢٣ سيپٽمبر ١٩٧٥ع

---

## سمنڊ ٿو پڪاري

هي سمنڊ،
هي سنڌي سمنڊ،
سنڌ جو اصل کان سائي،
سنڌ جي ڌرتيءَ جو
هم عمر، هم عصر،
سنڌ جي ڌرتيءَ کان
ڪڏهن نہ جدا ٿيندڙ.
آهي ان سان
اسان سنڌين جو
ويجهو واسطو،
دائمي ناتو.
سنڌو سڪائي سگهجي ٿو،
سمنڊ سڪائي ڪير!

* *

ڪراچيءَ ۾ ڪلفٽن وٽ، سمنڊ جي ڪناري واري پٽ مٿان ويهي، هو مٿيون گيت ڳائي رهيو هو. هنگي مشهور فلم ائڪٽر پڻ ڏي آڏوائيءَ جو ريڊيئي تي ٻڌل انٽرويو ياد

ڪندو رهيو. اچا بہ ائين چوڻ صحيح ٿيندو تہ هو پاڻ کي ڪپتان گراچوف سمجهندو رهيو. هن جي اها تمنا رهي تہ هو بہ اهڙي ئي جهاز جو ڪپتان يا انجنير هجي، جنهن ۾ اهڙن ئي طوفانن، تڪليفن، اندارين ۽ آفتن سان سامهون ٿئي، ۽ نيٺ پنهنجي حوصلي ۽ هوشياري، مردانگي ۽ مڙسي کان ڪم وٺي، انهن مصيبتن مان جهاز کي پار پهچائي وڃي. هن هيمنگوي جو ناول ”پوڙهو ۽ سمنڊ“ پڻ پڙهيو هو ۽ اهو پڙهي، ان پوڙهي وانگر، هُن زندگيءَ جي سمنڊ ۾ طوفانن سان لاڳيتو مقابلو ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو هو.

* *

هن پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ خاطر ڏينهن رات دل لائي محنت ڪئي. هو مئٽرڪ ۾ فرسٽ ڊويزن ۾ آيو هو ۽ انٽر سائنس ۾ نہ رڳو فرسٽ ڊويزن ۾ آيو، پر پهريون نمبر پڻ کٽيائين. هو شڪل جو ڏاهوڪو، قداور ۽ صحتمند هو. پر تڏهن بہ باقاعدگيءَ سان ورزش ڪندو رهيو جئن هنجو جسم ۽ جسماني صحت قائم رهي ۽ هنکي رڳو صحت جي بنياد تي سامونڊي سکيا جي ڪاليج ۾ داخلا ڏيڻ کان انڪار نہ ڪيو وڃي. انهيءَ خيال کان هو ترڻ بہ سکيو ۽ ترڻ جي مشق بہ ڪندو رهيو. هنکي خبر هئي تہ انهيءَ ڪاليج ۾ سکيا وٺندڙن لاءِ تارو هجڻ ضروري آهي.

* *

نيٺ وقت اچي پهتو. ان ڪاليج ۾ داخلا واسطي درخواستون گهرايون ويون. هن درخواست موڪلي. پهرين

وري ھو ڳائڻ لڳي ٿو:
لُڏي ۽ ڳجي ٿو:
بي انت آب،
ڪٿي ساھ پيو
چڙھ انقلاب.
لھرون ۽ لوڏا،
چوليون ۽ چلڪا،
ڦوڪجڻ ۽ ڦونڊجڻ،
نچڻ ۽ ٽپڻ،
طوفان ۽ ھنگاما
سدا وڌندو رھڻ اڳيان.
ھيبت ۽ گجگوڙ،
شور ۽ گوڙ،
چڙھ نعرا پيو ھڻي،
زور سان منيـون آلاري.
چُر پُر، ھر وقت چُر پر،
چُر پر، ھر وقت چرپر،
سمنڊ جا اھڃاڻ،
زندگيءَ جا اھڃاڻ،
انقلاب جا اھڃاڻ.

*   *

ھن جي من ۾ لاڳيتو خيالن جون لھرون اُڀري رھيون آھن:
ھن ساموندي ڪاليج ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي رھاڪن کي

داخل ٿيڻ جو پهريون موقعو ڏجي، ڇو ته انهن ڀنهي پرڳڻن جي ڪنارن تي سمنڊ آهي ۽ اتي جي رهاڪن جو سمنڊ سان دائمي ۽ نه ٽٽندڙ ناتو آهي. وري هتي جي ملاحن، مير بحرن ۽ گهاتن جي ٻارن کي خاص طرح ان ڪاليج ۾ کنيو وڃي ۽ هنن کي سڀ سهوليتون ڏنيون وڃن، ڇو ته هنن جي حياتي سمنڊ سان ڳنڍيل آهي ۽ هو ماهر ساموندي، ماهر ساموندي انجنير، ماهر جهازران ۽ ساموندي ويڙهه جا ماهر آسانيءَ سان بنجي سگهن ٿا ۽ هنن جو سمنڊ سان جو گهاٽو ناتو آهي، اهو هنن کي سکيا وٺڻ ۾ وڏيڪ مددگار ثابت ٿيندو.

هو سوچي ٿو ته، مان هاڻي نيويءَ ۾ داخلا وٺڻ جو جتن ڪندس، جي اتي ڪاميابي حاصل نه ٿي ته پوءِ ڪنهن خانگي ساموندي جهاز ڪمپنيءَ ۾ ڪهڙي به معمولي نوڪري وٺڻ جي ڪوشش ڪندس. جي اتي به جواب مليو ته پوءِ ساموندي بنجڻ جي شروعات ڪرڻ خاطر مهاڻن سان مهاڻو بنجي مڇي ماريندس ۽ سمنڊ ۾ لهرن، ويرن، ڪُنن، بارشن، واڳن، اجگرن، اونداهين ۽ طوفانن سان مقابلو ڪندس.

هو وري ڳائڻ لڳي ٿو:

ساگر ٿو ساري،
سمنڊ ٿو پڪاري:
تنهنجي ديس جي ڌرتيءَ وانگر
مان بہ تنهنجو ديس،
ٻاڌم ٻاڻيءَ ويس.

ڌرتيءَ جي پيٽ جيان،
مان پڻ خزانن سان ڀرپور.
ڌارين کان ڌرتي بچائڻ،
جاکوڙ تنهنجي جيون جي.
پوءِ ڪيئن سهي سگهندين
مون تي
پرماريت غيرن جي!

* *

هڪ اڻ وارو خالي اڻ ڪاهيو ۽ تي پيزا هن وٽان لنگهيو آهي. هيئنر لنگهڻ وقت هن کي سنڌيءَ ۾ ڳائيندي ٻڌي بيهي رهي ٿو ۽ چوي ٿو: ”سائين اچو توهان ڏي اڻ تي چڪر ڏيو. اڄ ته هڪڙو گراهڪ به ڪونه مليو اٿم.“

سنڌي آواز ٻڌي هنجو چهرو ائين چمڪي ٿو جئن منجهند جي وقت سج جي ڪرڻن ۾ سمنڊ جي لهرن جون چوٽيون چمڪنديون آهن. هن کي پاڻ سان گڏ پٽ مٿان وهاري چوي ٿو: ”ويهه ته چانهه به پيون ۽ ڪچهري به ڪريون. جيترو وقت اڻ تي گهمائيندين اوترو وقت مون سان ڳالهيون ڪر، پوءِ ڀاڙي جيترا پيسا مون کان ونجان. مان اڻ تي گهٽو ڏي چڙهندو آهيان. منهنجو ڳوٺ اهڙي هنڌ تي آهي، جتي رستو ئي ڪونهي ۽ اڻ ذريعي ويندو آهيان.“

پوڙهو اڻ وارو، جو ڪل آهي، سو خوشيءَ سان اها آڇ قبول ڪري ٿو. هو شاگرد کي ٻڌائي ٿو ته هو مهاڻو

آھي پر پيرسنيءَ ڪري ھينئر مڇي مارڻ جو ڪم ڪري نہ ٿو سگھي، انڪري ھتي ماڻھن کي اٺ تي گھمائي پنھنجي ۽ پنھنجي ٻارن جي پيٽ پالڻ جي ڪوشش ڪندو آھي.

شاگرد سارو وقت ھن ڪان سمنڊ جي بـاري ۾ سوال پڇي ٿـو ۽ اھا بہ معلومات حاصل ڪري ٿـو تہ ھو مھاڻن جي ڪنھن ٽـولي سان مڇي مارڻ جـي ڏنـڌي ڪرڻ لاءِ ڪھڙي طرح شامل ٿي سگھي ٿو؟

---

پڙاڏا

ڪاڪي کي اچوڪي اخبار ۾ دلچسپيءَ جو نئون موضوع ملي ويو. هون ۽ هن جي خاص توجهه جو مرڪز هونديون هيون فلسطين جي باري ۾ خبرون، جي هو ڏاڍي غور سان پڙهندو هو.... هن جي ذهن ۾ سدائين اهاڳالهه رهندي هئي ته فلسطين ۾ ڌارين ماڻهن يهودين اچي قبضو ڪيو هو ۽ اتي پنهنجو ڌاريو مذهب، ڌاريا نظريا، ۽ ڌاري ٻولي مڙهي هئائون ۽ اتي جي اصلي رهاڪن: فلسطينين، کي ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ڪيائون.... هاڻي فلسطيني پنهنجو وطن واپس وٺڻ واسطي جاکوڙ ڪري رهيا هئا. پرديس ۾ هوندي ۽ پناهگير ڪئمپن ۾ ٿوڪرون کائيندي، فلسطينين پنهنجي نئين نسل کي اوچي تعليم، خاص ڪري ٽيڪنالاجي ۽ سائنس جي تعليم ۽ جنگي سکيا سان مالا مال ڪيو هو. اڄ هو سرڌڙ جي بازي لڳائي، پنهنجو ملڪ يهودين کان آجو ڪرائڻ ۾ رڌل هئا. هنن جي جيڪا به جاکوڙ هوندي هئي، ڪاڪو ان جو ڏاڍي گهرائي سان اڀياس ڪندو هو. ان دوران هو پنهنجي ساٿيهه جي سانگيئڙن ۽ جهانگيئڙن جي پيڙيل ۽ پرماريل جيون تي به سوچيندو هو ۽ اهو به

خيال ايندو هوس تہ هنن ۾ بہ چرپر آهي، هو پڻ جاڪوڙ ۾ جنبيل آهن.

پر ڪاڪي لاءِ اچوڪي اخبار ۾ نئين دلچسپي پيدا ڪندڙ هئا ڪن راڄنيتي اڳواڻن ۽ تعليمي ماهرن جا بيان. انهن بيانن جا سِرا پڙهڻ سان، اهي پڙاڏا بڻجي ڪا دير هن جي ڪنن ۾ گونجندا رهيا:

هن ملڪ ۾ ڪو ڏاريو نظريو نہ هلندو.
.... هن ملڪ ۾ ڪو ڏاريو نظريو نہ هلندو!
.... هن ملڪ ۾ ڪو ڏاريو نظريو نہ هلندو!
.... هن ملڪ ۾ ڪو ڏاريو نظريو نہ هلندو!

* *

هن ملڪ ۾ ڪنهن ڏاري "ازم" لاءِ جڳهہ نہ آهي.
.... هن ملڪ ۾ ڪنهن ڏاري "ازم" لاءِ جڳهہ نہ آهي!
.... هن ملڪ ۾ ڪنهن ڏاري "ازم" لاءِ جڳهہ نہ آهي!
.... هن ملڪ ۾ ڪنهن ڏاري "ازم" لاءِ جڳهہ نہ آهي!

* *

نصاب ۾ ڏاري ٻوليءَ ڪي هتي جلد ختم ڪيو وڃي.
.... نصاب ۾ ڏاري ٻوليءَ ڪي هتي جلد ختم ڪيو وڃي!
.... نصاب ۾ ڏاري ٻوليءَ ڪي هتي جلد ختم ڪيو وڃي!
.... نصاب ۾ ڏاري ٻوليءَ ڪي هتي جلد ختم ڪيو وڃي!

* *

اندروني معاملن ۾ ڏارين جي دست اندازي برداشت نہ ڪئي ويندي.

.... اندروني معاملن ۾ ڌارين جي دست اندازي برداشت نه
ڪئي ويندي!
.... اندروني معاملن ۾ ڌارين جي دست اندازي برداشت نه
ڪئي ويندي!
.... اندروني معاملن ۾ ڌارين جي دست اندازي برداشت نه
ڪئي ويندي! ٢

* *

اهم خبرون پڙهندو ويو. پڙاڏا پيدا ٿيندا رهيا. هن جي ذهن جي سنڌوءَ ۾ سوالن جون ڇوليون ڪَرَ کڻنديون رهيون.... هو ۽ هن جي سائيهه جا ماڻهو ڀلا ڀيو ڇا لاءِ جاڪوڙ ڪري رهيا هئا؟

هي هو ڪاڪو موهن داس اوڌ، رٽائرڊ مختيارڪار.

۱۷- آڪٽوبر ۱۹۷۸

---

## ابتڙايون

هي منهنجو وڻندڙ ۾ وڻندڙ وايو منڊل آهي. مان پنهنجي گهر جي لئبرريءَ واري ڪوٺيءَ ۾ ليٽيو پيو آهيان. هيءَ ڪوٺي، گهر جي اهڙي ڪنڊ ۾ آهي، جتي نه گهر جو ۽ نه ٻاهر جو گوڙ يا آواز اچي ٿو. پنهنجي شوق مطابق ڏاهوڪن ڪتبن ۾ خوبصورت ڪتاب سهڻي نموني ترتيب ڏئي رکيا اٿم. انهن ڏي رکيو نهارڻ سان ئي منهنجا نيڻ ٺري پون ٿا. ميز بتيءَ جي ڪير جهڙي روشنيءَ ۾ مان پنهنجو هڪ دلپسند ڪتاب پڙهي رهيو آهيان. فرانسز فينن جو هي ڪتاب "The Wretched Earth"، جو الجزائر جي قومي آزاديءَ جي جنگ جي پس منظر ۾ لکيل آهي، پڙهندي مون کي بار بار خيال ايندو رهي ٿو ته هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪجي.

منهنجي ڪڪي ڪونج اچي ٿي. هن جي هٿ ۾ منهنجو ڪتاب "ناچڻي" آهي. هوءَ چوي ٿي: "بابا! توهان جي هن ڪتاب جو پنو ڪيڏو نه اوچو ۽ سنو آهي، وري چاچوا حمد توهان جا ڪتاب خاص خيال سان ڇپيندو ۽ ٻائينڊ ڪندو آهي. هيترا سال گذرڻ کان پوءِ به تازو ئي تازو پيو آهي.

مون ته اجا هاڻي هي ڪتاب پڙهيو آهي. ڏاڍو دلچسپ آهي، هر ڳالهه دل سان لڳي ٿي، ڪجهه به منجهيل ۽ بنا دليل ناهي."

مان هن کي ان ڳالهه تي چٽيندو آهيان، جو ڪورس جا ڪتاب جلدي جلدي ڦاٽي پوندا اٿس. هيئنر به هن کي هڪ ڦاٽل ڪتاب جي جڳهه تي نئون ونڻو هو. هوءَ پيسا وٺي هلي وئي ٿي ...... مان گم ٿي وڃان ٿو ڪن گذريل گفتگوءَ جي نظارن ۾.

(١)

"هن ڪتاب جي ايڏي قيمت ڇو؟"

"مون پاڻ ڏٺو ته توهان هن ڪتاب کي ڏسي حيران ۽ پريشان ٿي ويا آهيو. مون اهو به ڏٺو ته توهان هر هر پٺي ان جي قيمت ڏٺي، وري وري پٺي ان جا پنا اٿلايا ۽ اڳيان پويان ڇڪاسيو ۽ ساڳئي وقت دڪان جي ٻين ڪتابن ڏي پڻ نظر پئي ڦيرائي."

"توهان صحيح آهيو. ڳالهه ئي حيرانگيءَ جهڙي آهي. مون ٿورو ئي وقت اڳ هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن ورتو هو. ان جو پنو اوچو، ڇپائي بهترين ۽ جلد ۽ پوش ڏسڻ جهڙا هئا."

"توهان صفا سچ ٿا چئو."

"پر هن ايڊيشن ۾ جو پنو استعمال ڪيو ويو آهي، سو رديءَ ۾ ردي آهي، ان جي ڇپائي ٿرڊ ڪلاس ۽ بائينڊنگ بيڪار آهي."

”ان ۾ ڪا شڪ جي گنجائش ڪانهي.“
”تنهن هوندي به هن ايڊيشن جي قيمت اڳئين ايڊيشن کان ٻيڻي رکي ويئي آهي، جيتوڻيڪ ان جي قيمت، اڳئين جي قيمت جي اڌ کان به گهٽ هجڻ کپي ها.“
”ان ۾ به مان توهان سان ٻڪراء آهيان.“
”پوء ٻيلا ايڏي قيمت رکڻ جو ڪارڻ.“
”هاڻي هي ڪتاب نصابي ڪتاب طور منظور ڪيو ويو آهي“

(٢)

”ٻڌو اٿم ته تنهنجو ناول ڇپيو ڇپجي؟“
”ها يار، دعا ڪجانء.“
”تون پنهنجي خرچ تي ڇپرائين يا ڪو ادارو ٿو ڇپرائي؟“
”مان پنهنجي هڙان پيو ڇپرايان.“
”هي تنهنجو پهريون ناول آهي؟“
”ها.“
”اهو به ٻڌو اٿم ته پنج هزار ڪاپيون پيو ڇپرائين؟“
”ها.“
”تون ته ادبي دنيا ۾ چاتل سڃاتل ڪونه آهين....“
”هرو ڀرو ائين نه آهي. منهنجون چار ڪهاڻيون جدا جدا رسالن ۾ ڇپيون آهن.“
”منهنجو مطلب آهي ته سنڌي ڪتاب تمام گهٽ ٿا هلن. سنڌيءَ جا مشهور، معروف ۽ مقبول ليکڪ به پنهنجا

ڪتاب هڪ هزار ڪاپين کان وڌيڪ ڇپرائڻ جي همت نہ ساريندا آهن. انهن جي وڪري ٿيڻ ۾ بہ ڪافي وقت لڳندو آهي. ڪن حالتن ۾ تہ سال بہ لڳي ويندا آهن."

"منهنجي هن ڪتاب جي معاملي ۾ ائين نہ ٿيندو. مان ان جي قيمت بہ پنهنجي دل گهري رکندس، ۽ ويندو بہ هٿئون هٿ کپي."

"ڪيئن ڀلا"

"اسڪولن جو هڪ وڏو عملدار منهنجو پڳ مٽيو ۽ گڏ کائڻ پيئڻ وارو يار آهي. هن منهنجو هي ڪتاب سڄي سنڌ جي اسڪولن واسطي انعامي طور منظور ڪري ڇڏيو آهي."

(۳)

"واڌايون هجني، ڪرت سان پيو ڏسجين."

"ڪرت ڪهڙي آهي، مڙئي بک جا چڪ آهن."

"ڪهڙو ڪم پيو ڪرين؟"

"هڪ درسي ڪتاب جو ترجمو."

"ترجمي جو تہ تون ماهر آهين."

"مهارت ۽ قابليت جو بحر تہ تڏهن جوش ۾ ايندو آهي، جڏهن ڪم دل وڻان هجي. هتي تہ پنهنجي ذهن ۽ ضمير تي دانگي ڦيري هي ڪم پيو ڪريان."

"ڪيئن ڀلا."

"هن ڪتاب جو مواد آسماني ڳالهين سان ڀريل آهي. ان ۾ پوئتي قدم (رجعت پرستيءَ) جو ڀرپور مظاهرو ڪيل

آهي. مون واسطي تہ سِٽَ سِٽَ سٽپُ آهي، لفظ لفظ ڏنگ آهي."

"اجورو ڪهڙي حساب سان ٿو ملئي."

"حساب! اهي بہ امازيون آهن، اهي بہ ڏنڀ آهن. هھڙو ڪم اسان جهڙن کي سڌيءَ طرح نہ ملندو آهي. هي ٢ ڪم تعليم کاتي جي هڪ هلندي پڄندي واري آفيسر کي ڏنو ويو. ادب مان هو ڪجهہ نہ ڄاڻي. ان ڪري اهو ڪم مون کان ڪرائيندو آهي. نالو سندس ٿيندو. مون کي هر هڪ صفحي جا ٽي رپيا ڏيندو آهي، جيتوڻيڪ هن کي سرڪار وٽان هر صفحي لاءِ ڏهہ رپيا ملندا آهن."

(٤)

"مون کي ڪتابن ڪٺي ڪرڻ جو ڏاڍو شوق آهي. ڏس، هيءَ منهنجي لئبرري. ڪهڙا نہ سهڻا سهڻا ڪتاب آهن. پر انهن جي وچ ۾ ڪو ڪورس جو ڪتاب اچي ويندو آهي تہ ائين لڳندو اٿم تہ ڄڻ تہ ڪاليجي ڇوڪرين جي ڪنهن پارٽيءَ ۾ ڪا ڪني ڪوجهي ۽ ڪراڙي فقيرياڻي ڦُسي آئي آهي. مون کي تہ سهڻو ڪتاب ڏسي اهو پڙهڻ تي شوق بہ ٿيندو آهي ۽ ان جي پڙهڻ ۾ مزو بہ ايندو آهي."

"اها تہ ٿي ڪتابن جي ٻاهرين صورت، پر انهن اندر جو مواد آهي، درسي ڪتابن جو اهو بہ ڪو واکاڻ جوڳو ڪونهي ۽ اهو اهڙي ٻوليءَ ۾ آهي، جا اسان جي مادري زبان ڪانهي ۽ نہ انگريزي وانگر سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي زبان."

"ها، اڄڪلهه دنيا ۾ ترقيءَ جو مدار سائنس ۽ ٽيڪنالاجي تي آهي. پر هنن نصابي ڪتابن ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ کان وڌيڪ آسماني ۽ غير سائنسي ڳالهين تي زور ڏنو وڃي ٿو."

"مزي جي ڳالهه اها آهي ته آسماني ڳالهين ۽ سائنس جي حقيقتن ۾ وڏيون ابتڙايون آهن جا ڳالهه خود هنن ڪتابن جي سبقن مان پڌري آهي ۽ اسان جي ذهنن کي لوڏي به ڇڏي ٿي."

"تو تضاد لاءِ 'ابتڙايون' جو مناسب لفظ ڪتب آندو آهي. اصل ۾ هنن ڪتابن ۾ سياسي ۽ سماجي سطح تي به وڏيون ابتڙايون موجود آهن. شاگردن کي پنهنجن جذبن، لاڙن، احساسن ۽ اتساهن جي انهن ۾ ترجماني ڪانه ٿي ملي. هو ٻاهرين ۽ عملي دنيا ۾ اهو ڪجهه نه ڏسن ٿا ۽ نه محسوس ڪن ٿا، جو هنن کي انهن ڪتابن ۾ ٻڌايو وڃي ٿو. پوءِ هنن جو اندر ذهني ڇڪتاڻ جو ڪورو بڻجيو پوي."

(د)

"مان اديبن کان سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب لاءِ رايا پيو معلوم ڪريان. اهي مون کي پنهنجي ٻارن جي رسالي ۾ شايع ڪرڻ واسطي گهربل آهن. توهان ڇا ٿا سمجهو ته سنڌيءَ ۾ جو ٻاراڻو ادب ڇپيل آهي يا ڇپجي پيو، سو ڪافي آهي؟"

"نه، تمام گهٽ آهي. گهڻو هجڻ گهرجي، تمام گهڻو."

ڪتابن ۾ ڪاڻي تاريخي ۽ نظرياتي غلط بيان اچي ويندا آھن. ان لاءِ ضروري آھي ته اسين ادبي ڪتابن ذريعي ٻارن کي صحيح ۽ نوان نظريا ۽ صحيح تاريخي حقيقتون ٻڌايون."

٢

١٥- سيپٽمبر ١٩٨١

## جئن جو تئن

ڪڏهن ڪڏهن مون کي ڪو خط ملندو آهي، جنهن ۾ لکندڙ پنهنجي جيون جون حقيقتون، ڳالهيون يا گهٽنائون لکندو آهي ۽ پوءِ چوندو آهي ته انهن تي ڪهاڻي لکو. اهڙي قسم جي ڪن خطن کي مون ڪهاڻيءَ جو روپ ڏنو آهي.... مان هيٺ هڪڙو خط جئن جو تئن ڏئي رهيو آهيان. صورتخطي ۽ گرامر جي ڪن درستين کان سواءِ مون ان ۾ ڪابه ڦير گهير ڪانه ڪئي آهي. لکڻيءَ مان لڳي ٿو ته لکندڙ ٿورو پڙهيل، غريب گهر جي نيم شهري ڇوڪري آهي. هن هي خط ڪهاڻيءَ جي ڍنگ ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهيءَ مون کي لڳي ٿو ته جنهن کي هن ”سوني“ سڏيو آهي، سا هوءَ خود پاڻ آهي:

* *

.... هيءَ ڪهاڻي هڪ اهڙي ڇوڪريءَ جي آهي، جنهن ڪڏهن به سک نه ڏٺو. اگر خوشي ملي هوندي ته صرف ٿورن ڏينهن لاءِ. اها خوشي به هن کي راس نه ايندي هئي. هن جو نالو سوني آهي. هو چار ڀينر ۽ ٻه ڀاءُر آهن. سوني ٽيون نمبر آهي. پيءُ هڪ غريب، ۽ طبيعت جو سادو ماڻهو

جا اخلاق ڏاڍا سٺا هئا جڻ فرشتو چئجي. ساهرين گهر جا ماڻهو به تمام سٺا هئا. سهاڳ جي رات آئي. سونا کي گهوٽ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. گهوٽ چيو ته، مونکي دل جي بيماري آهي ۽ اڳ کان آهي. ان رات ئي اچي هن کي سور پيو، دل جو دورو پيو. سونا جي ڪنهن به مائٽ کي خبر نه هئي ته ڪو گهوٽ دل جو مريض آهي. اگر خبر هجي ها ته شايد هيءَ شادي نه ٿئي ها. پر قسمت ۾ جو ڏک لکيو هو سو ضرور ٿيندو. شاديءَ جي رات به ويچاري سونا پنهنجي نصيب تي روئي رهي هئي. ڇا ڪيو مائٽن، مون سان ظلم ڪري ڇڏيو اٿن. مڙس کي سڄي رات دل ۾ تڪليف هئي. سونا هن کي دوائون ڏيندي رهي ۽ هو ڪائيندو رهيو. هوءَ سڄي رات نه ستي ۽ خدا کان پنهنجي مڙس لاءِ دعائون گهرندي رهي ته شال حياتي هجيس ۽ آءٌ سدا سهاڳڻ هجان. ٽي ڏينهن ڳوٺ ۾ رهي. پوءِ مائٽ ستاوڙي لاءِ وٺڻ آيس. پنهنجي گهر ۾ ماءُ کي پاڪر پائي ڏاڍو رني. روئي روئي پنهنجيون اکيون ڳاڙهيون ڪري ڇڏيائين. پنهنجي جيجل ماءُ کي چيائين ته اما توهان ته مون سان ظلم ڪري ڇڏيو، جيڪو مڙس مونکي ڏنو اٿو اهو ته دل جو مريض آهي ۽ شاديءَ جي پهرين رات دل جو دورو پيو هوس، ڇا توهان کي خبر نه هئي ته سونا کي اسين هڪ مريض جي حوالي ڪري رهيا آهيون، مگر توهان به شايد ظالم چاچيءَ وانگر سوچيو هوندو ته پل سونا ڏکي هجي. ماءُ اهو ٻڌي حيران ٿي ويئي ته ڇوڪرو دل جو مريض آهي ۽ هنکي ڪو دورو

جھونگاري پئي، سو ھي آھي:

پلي سچي دنيا بدلجي وڃي،
پر شال سچ نہ بدلجي.
سارو لوڪ رسي تان رسي،
شال منھنجو سچ نہ رسي. ٧

* *

جي مان ھن خط جي ڳالھين مان ڪھاڻي پيدا ڪريان ھا تہ مکيہ ڪردار سونا، جا گونگي، بيجان بوتو، روايتي مظلوميت جي مورت ۽ زندگيءَ کان خالي تي لڳي، تنھن کي سماج جو باغي ۽ گھٽو ڪجھہ ڪري ڏيکاريندڙ ڏيکاريان ھا. اھڙي طرح سچ کي پڻ. چو تہ پيار ماڻھوءَ ۾ تڙپ، بيتابي ۽ سرگرميءَ سان گڏ ھمت، بھادري ۽ بغاوت جا جذبا پيدا ڪري ڇڏيندو آھي.

ھاڻي اھا ذھنيت ختم ٿيڻ کپي تہ: الله اچن اوء جن آئي من سرھو ٿئي. اوء جي لاء گھر ۾ ويھي انتظار نہ ڪبو پر گھر کان ٻاھر نڪري ھٿ پير ھلائي، جستجو ڪري، جاکوڙ ڪري، جان جي بازي لڳائي بہ پاڻ اوء وٽ پھچبو.

پيا جيڪي ڪردار بہ مثل، بي زبان، رضا تي راضي ۽ سڀ ڪجھہ صبر سان سھندڙ نظر اچن ٿا، تن کي بہ ھڪ

حد تي پهچي، پنهنجي پيڙيندڙن ۽ آزاريندڙن سان مقابلو ڪندي ڏيکاريان ها. اهو انڪري ڪريان هو جو ادب جو ڪم آهي: جيون جئن آهي اُن جو اپياس، ۽ جئن ٿيڻ کپي اُن لاءِ اتساهه پيدا ڪرڻ.

٢

۳۰ آڪٽوبر ۱۹۸۱

## سوچون سرويچن جون

آئرلنڊ جي بيلفلسٽ شهر جي رستن ۽ راهن تـي آواز گونجڻ لڳو: ”بابي سئنڊس مري ويو، نڪري اچو ميدان تي.“ نوجوان لائوڊ اسپيڪرن تي ڪاوڙ ڀريـل چهرن ۽ جوش سان تمتار آوازن سان واڪا ڪري رهيا هئا:

بابي سئنڊس مري ويو،
بابي سئنڊس ديس لاءِ مري ويو،
بابي سئنڊس بک هڙتال ڪري ديس لاءِ مري ويو.
نڪري اچو،
نڪري اچو ميدان تي،
نڪري اچو عمل جي ميدان تي ....

* *

تار درياهه جي پڳل بند مان وهندڙ پاڻيءَ جـي تيزي سـان ماڻهن جا هشام گهٽين ۽ بازارين ۾ اٿلي پيا. پوليس ٿاڻـن، سرڪاري آفيس، لشڪري لارين ۽ انگريز لشڪرين تـي پٿرن، سروٽن، بوتلن ۽ مالوٽوف بمن سان حملا شروع ٿي ويا. موٽ ۾ سرڪاري قوتون، گئس جا گولا ۽ پلاسٽڪ جون گوليون وسائڻ لڳيون.

بابي سئنڊس جو مڙهه تابوت ۾ رکيل هو. بابي، جو
پر مڻا اڳ ڪسرتي بدن وارو، سگهارو ۽ زندگيءَ سان
ڀرپور گوريلو ۽ گوريلا اڳواڻ هو، سو ٦٦ ڏينهن جي بک
هڙتال ڪري، سڪي هڏائون پڃرو ٿي ويو هو. هن جو
بدن سڪي ويو هو ۽ هن جو مٿو ننڍي ڇوڪري جي مٺي
جيڏو ٿي ويو هو. پنجاهه هزار ماڻهو هن جو مڙهه ڏسڻ ۽ ۲
انگريزن خلاف پنهنجي نفرت ڏيکارڻ ۽ اتساهه حاصل
ڪرڻ ۽ پنهنجي قوم جي ٻڌيءَ جو ثبوت ڏيڻ خاطر هن
جي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پهچي ويا هئا. هن کي ڏسڻ
لاءِ قطار هلندي رهي ۽ چار ڏينهن سانده اهو سلسلو جاري
رهيو. ڏسندڙن جي اکين مان ڳوڙهن جون لارون ٿي
نڪتيون پر جوش کان هنن جو منهن ڳاڙهو ٿي ٿي ويو
۽ مٺيون ڀڪوڙجي ٿي ويون. ان وقت هر هڪ: ٻڍو، ٻار
۽ ڳڀرو، نئين جذبي سان پنهنجي ديس کي آزاد ڪرائڻ
لاءِ نئين سر وچن ٿي ورجايو:

”اسان پنهنجي ڌرتيءَ کي ڌارين کان آجو ڪرائي
پوءِ دم پٽينداسين.“

”اسان سڪنا نعرا هڻڻ گهٽو اڳ چڏي ڏنا آهن، هاڻي
اسان جي ڪارروائن کي سامراجي هٿيارن جو طوفان به
روڪي نه سگهندو.“

”ننهنجي موت اسان جي قوم جي ٻڌيءَ کي وڌيڪ
پختو ڪيو آهي.“

”اسان جي دشمنن جي بچاءَ ۽ سهائتا واسطي سرڪاري

لشڪر آھي، پر اسان پاڻ لشڪر آھيون ۽ بمن ۽ گولين جو استعمال سکي ويا آھيون.“

”اسان آزاديءَ خاطر سوت جي آجيان ڪرڻ واري قوم آھيون.“

”پرمارن جي بنايل قانون تي ھلي اسين آزادي حاصل ڪري نه سگھنداسين. ان واسطي اسان کي پنھنجي ذھن ۽ زور جا طريقا اختيار ڪرڻا پوندا.“

”اسان کي ھاڻي وڏيڪ پڪ ٿي آھي ته ظالم سامراج جيترو مظلوم جي قوميت جي جذبي کان ڊڄي ٿو ايترو ائٽم بم کان به نه ٿو ڊڄي.“

”اسين توسان ان ۾ سھمت آھيون ته جئن ته انگريزن جي موجودگي اسان جي سر زمين تي ناجائز آھي، انڪري ھنن جي ھر ڳالھه ۽ ھر دعوي ناجائز آھي.“

”توسان اسان جي ساري قوم جو سرويچ پٽ آھين، تون اسان جي ڌرتي ماتا جو سرويچ سپوت آھين.“

بابي سنڌس جي رنڊڙ پوڙھي پيءُ ماءُ، نوجوان زال ۽ پاڙرن پيءُن ۽ ننڍڙن ٻارن کي پرچائڻ لاءِ ساري قوم موجود ھئي.

* *

بک ھڙتال جو ساٺرو ھن جيل ۾ ٿي مھنا کن اڳ شروع ٿيو ھو. ھتي آئرش عوامي لشڪر جا سوين سپاھي قيدي ھئا. اندر به ھنن جون ڪنھن نه ڪنھن نموني ميٽنگون ٿينديون رھنديون ھيون. ھڪڙي ڏينھن سنڌن پارٽيءَ جي

سياسي قيدين ۽ نظربندين مٿان ٿيندڙ ظلمن ۽ زيادتين جو وچور پيش ٿيو:

”اسان جي ماڻھن کي ھر قسم جا جسماني، دماغي ۽ ذھني ايذاءَ پھچايا ويا وچن: ھنن کي بجليءَ سان ڌڏڪا ڏنا ٿا وڃن، دماغ خراب ڪرڻ وارديون سيون لڳايون ٿيون وڃن ۽ وحشي نموني مارڪٽ ڪئي ٿي وڃي. اھڙن ٢
پٿريلن ميدانن تي ڊوڙايو ٿو وڃي جن تي پڳل شيشن جا ٽڪرا، ڪنڊا ۽ پٿريون وڇايل ھونديون آھن. اسان جي ھڪڙي ساٿيءَ کي سانده ٣٦ ڪلاڪ بدن بنا چرڻ پرڻ ۽ بنا اکيون ڦيرائڻ ھڪڙي نقطي تي نھارڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. ان دوران ھن کي نہ ننڊ ڪرڻ ڏني وئي ۽ نہ ڪاڌو کارايو ويو. ٻئي ھڪ ساٿيءَ کي ”راٺيءَ کي خدا ڏگھي عمر ڏئي“ وارو گيت نہ ڳائڻ تي ٽن سپاھين مڪن، ٺونشن ۽ بندوقن جي قنداقن سان ايترو زور سان ماريو جو ھو ڪيترائي ڏينھن بيھوش رھيو. اسان جي ساٿين کي راز ٻڌائڻ لاءِ ڪيترا ڏينھن ۽ راتيون لاڳيتو ننڊ نہ ڪرڻ ڏني ويندي آھي، ڪاڌي کان محروم رکيو ويندو آھي ۽ ھڪڙي پوزيشن ۾ بيھڻ تي مجبور ڪيو ويندو آھي. بجليءَ جي اوزارن سان ڪوٺڙين ۾ ايڏو شور ۽ غوغاءُ برپا ڪيو ويندو آھي جو ھو دماغي توازن وڃائي ويھندا آھن، ھنن جي اگھاڙن جسمن تي ٻريل سگريٽ سان ڏنڀ ڏنا ويندا آھن، سپاھي ھنن مٿان مُتندا آھن، ھنن جي ننھن ھينان سيون چڀائيندا آھن، وار پٽيندا آھن ۽ وارن کان جھلي ميلن جا

ميل گهليندا آهن ۽ خاص عضون کي بجليءَ جا شاڪ ڏيندا آهن، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٻہ ٻہ تي ٽي سپاهي فوٽ بال وانگر ٺڏا هڻندا آهن."

هي قيدي جدا جدا الزامن ۾ پنجن کان پنجويهن سالن تائين سزا ڪاٽي رهيا هئا ۽ سڀ نوجوان هئا، جن جي عمر ويهن ۽ ٽيهن سالن جي وچ ۾ هئي. ڪنهن تي الزام هو تہ هن انگريز سپاهين کي گولين جو نشانو بڻايو، ڪنهن تي پوليس ٿاڻي تي حملي ڪرڻ جو، ڪنهن تي هٿيار ڦُر ڪرڻ ۽ هٿيار رکڻ جو، ڪنهن تي بم سان انگريز سپاهي زخمي ڪرڻ جو، ڪنهن تي بم ٺاهڻ جو، ڪنهن تي لشڪري ٽرڪن تي بم اڇلڻ جو هو. هي هڙئي آئرش عوامي لشڪر (آء- آر- اي) جا ميمبر هئا.

پوءِ هڪڙي اٿي چيو "جيل اندر اهڙن ظلمن خلاف اسين احتجاج ڪندا رهيا آهيون، پر ڪُڙ تيل ڪونہ نڪتو آهي. هاڻي اسانکي انتهائي قدم کڻڻو پوندو. اصل ۾ جيل ۾ اسانجو اهڙو قدم، اسانجي سڄي ملڪ لاءِ علامتي قدم هوندو، ڇو تہ اسانجي سڄي ديس ۾ سامراجين جي ظلم جو راڄ آهي. اسانجي ديس کي اسان لاءِ وڏي جيل ۾ تبديل ڪيو ويو آهي ۽ اسانجي قوم تي ظلم، پرماريت ۽ ڏاڍائيءَ جي انتها ٿي رهي آهي. اسانجي گذران جي ذريعن تي ڌارين جو قبضو آهي ۽ اسانجون سڀ آزاديون ختم ڪيون ويون آهن. اسان لاءِ آهن سزائون، جسماني ۽ ذهني ايذاءَ، جيل، ڦاسيون، محتاجي، غلامي، غربت ۽ بيروزگاري. سٺن صدين کان

اسانکي غلام بنايو ويو آهي. جڏهن اسانجي قوم کي اها
ساڃهه آئي تہ پورهيت ۽ هاري ئي قومي آزادي حاصل
ڪري سگهن ٿا سا بہ هٿيار بند جاکوڙ ذريعي تہ اسان پورهيتن،
هارين ۽ عوام مان آڌرش عوامي لشڪر جي تنظيم ٺاهي ۽
اها انگريز سامراجين جون هتان پاڙون پٽي رهي آهي. اسان
جي هيءَ تنظيم نہ رڳو هن ملڪ ۾ هنن جي اڏن ۽ وٿاڻن ٣
تي حملا ڪري رهي آهن، پر سندن ملڪ جي وڏي ۾ وڏي
شهر لنڊن ۾ بہ سندن لشڪري اڏن، لشڪري مهندارن ۽
بزارين ۾ بمن جا ڌماڪا ڪري رهي آهي. اهڙي طرح اسان
جي هيءَ بک هڙتال بہ سامراجي انگريز حڪومت سان آڌرش
عوامي لشڪر جي قومي آزادي جي جنگ جي علامت آهي.''

بحث مباحثي ۽ سوچ ويچار کانپوءِ فيصلو ڪيو ويو
تہ مرڻ تائين بک هڙتال جي مهم شروع ڪجي. خيالن جي
ڏي وٺ کانپوءِ هو انهيءَ نتيجي تي پهتا تہ اهڙي نموني
بک هڙتال ۾ مرڻ پنهنجي قومي آزاديءَ لاءِ جنگ جي ميدان
تي لڙندي مرڻ جي برابر آهي. هو سڀ پنهنجي ديس جا
سرويچ هئا ۽ اهڙي قسم جي قربانيءَ لاءِ تيار. جيڪو
بک هڙتال تي ويهندو ان کي اڳواٽ سڀ ڪجهہ سوچڻو هو.
هو وچ ۾ ڪمزوري نہ ڏيکاريندو. نہ کاڌو کائيندو ۽ نہ ڪا
دوا درمل قبول ڪندو. مائٽن کي بہ ٻڌائيندو يا هنن کان
موڪل وٺندو جڏهن بيهوشيءَ جي حالت ۾ بہ نہ هنجو علاج
ڪرائن ۽ نہ هن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪن. چار ڄڻا
تيار ڪيا ويا. هو ڇهن ڇهن ڏينهن جي وٿيءَ سان بک هڙتال

جاء ورنه اصل ۾ اها جنگ سامراج ۽ قوم پرستن، ظالمن ۽ مظلومن ۽ ٻن قومن: انگريزن ۽ آئرشن جي آهي. اتر آئرلنڊ ۾ اتي جي اصلي رهاڪن آئرشن کي ٻئي ڪلاس جو شهري بڻايو ويو آهي، هنن کي شهري ۽ انساني حقن کان وانجهو رکيو ٿو وڃي ۽ ڌاريا انگريز اتي ڪرسين تي براجمان آهن. هينئر اتر آئرلنڊ جا اصل رهاڪو پنهنجي قومي آزادي حاصل ڪرڻ ۽ سڄي آئرلنڊ کي ملائي هڪ بڻائڻ لاءِ گوريلا جنگ لڙي رهيا آهن. ظاهري طرح هنن بک هڙتال ان لاءِ ڪئي آهي ته هنن کي ڏوهاري قيدي نه پر سياسي قيدي ڪري ليکيو وڃي، حقيقت ۾ اها بک هڙتال سامراجي راڄ خلاف احتجاج آهي. اها سامراجي تشدد خلاف اسانجي قومي جاکوڙ جي علامت آهي .... سامراجين پنهنجي نيتيءَ مطابق جڏهن دنيا جي ٻين گهڻن ملڪن کي ورهائي ڇڏيو آهي تڏهن هنن آئرلنڊ جا پڻ ٻه ڀاڱا ڪري ڇڏيا. سامراج انگريز جون دنيا ۾ ٻيون بيٺڪون ذري گهٽ هڙئي هنن کان آزادي حاصل ڪري چڪيون آهن، پر آئرلنڊ، جو اٺ سو سالن کان ۽ انگريزن جي پهرين بيٺڪ آهي، سا اڃا تائين هنن جي چنبي ۾ آهي. انجو مکيه سبب، اهو آهي ته هي ملڪ انگلنڊ سان لاڳيتو ۽ ويجهو آهي، ان ڪري ئي اڃا تائين انگريز ان تي پنهنجو قبضو قائم رکڻ ۾ ڪامياب رهيا آهن.... سامراجي انگريز لشڪر هتي جي انگريزن جو پاسو وٺي ٿو ۽ هنن جي حفاظت ڪري ٿو ۽ هتي جا انگريز پورهيت ۽ هاري، سامراج انگريز حاڪمن جي پٺڀرائي ڪن ٿا. اسانجي قوم

.... سان جڏهن پنهنجي چئن ئي طرفن ۾ وحشي ۽ ظالم عقابن جا چنبا پنهنجي جسم اندر تنبيل ڏسان ٿو، تڏهن مونکي ان دلير ۽ بهادر ”چنڊول“ پکيءَ جي ڪهاڻي ياد اچي ٿي جيڪا منهنجو ڏاڏو سمهڻ مهل مونکي ٻڌائيندو هو:

ڪنهن زماني جي ڳالهه آهي، جڏهن هر شيءِ پنهنجي مرضيءَ سان زنده رهڻ جي ڳالهه ڪندي هئي. هر چر پر ٢ ڪندڙ جيوت ٻئي جي خواهش يا مرضيءَ سان زندگي گهارڻ کان نفرت ڪرڻ لڳي هئي. غلاميءَ خلاف هڪ وڏو اٿاهه جذبو هو. سڄاڳيءَ جي لهر هر شيءِ کي آزاديءَ جو سبق ڏيئي ڇڏيو هو.

ان زماني جي ڪهاڻي آهي ته ڪنهن سفاڪ ۽ قهري ماريءَ هڪ چنڊول پکيءَ کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائي وڌو. چنڊول کي قيد ڪري ماري گهر آيو ۽ چنڊول کي حڪم ڪيائين: ”هاڻ منهنجي حڪم جي تعميل ڪر، صبح اٿي منهنجي ساراهه جا گيت ڳاءِ.“

چنڊول پاڻ کي پڃري ۾ بند ڏسي، ماريءَ کي مخاطب ٿي چيو: ”تو جهڙي قهري ۽ ظالم لاءِ گيت ڳائڻ کان سٺو آهي ته موت کي پنهنجي سيني سان لڳايان.“

ماري چنڊول کي انهن گستاخ لفظن جي سزا ڏيڻ لاءِ اٿيو ۽ لڪڻ هٿي ڪيڏيائين جنهن سان چنڊول جو ماس ڪنئين سان لهي ويو. ماريءَ وري چيو: ”منهنجي لاءِ چوءُ ته مان عظيم آهيان .... چوءُ مان انصاف وارو آهيان .... نه ته ٻي صورت ۾ ماري ڇڏيندوسانءِ.“

چنڊول سور ڀنندي چيو: ”ماري ڇڏ ماري ڇڏ، باقي ٿو جهڙي ذليل جي شان ۾ قصيدا مان نه ڳائيندس. گوڏن ڀر جهڪي جئڻ کان پيرن ڀر بيهي مرڻ بهتر ٿو سمجهان.“

اها للڪار ماريءَ کي ڏکي لڳي. پوءِ هن چنڊول جي پڃري ڀاهران ڪارو ڪپڙو ويڙهي، هنکي هڪڙي اونداهي غار ۾ ڇڏي آيو. پورو هڪڙو ڏينهن لنگهي ويو، نه هنکي داڻو مليو نه پاڻي . پوءِ پڃري ٻاهران ماريءَ چنڊول کي سڏ ڪري پڇيو ”تون منهنجا گيت ڳاءِ . آءٌ توکي سٺا ميوا ۽ سٺا کاڌا ڏيندس .“

چنڊول، جنهن غلاميءَ کان نفرت ڪئي هئي، بک ۽ اڃ جي ڪري ڪمزور ٿي ويو هو، تنهن پنهنجي جهيڻي آواز ۾ ورندي ڏني: ”آءٌ گيت ڳائيندس آزاديءَ جا، تو جهڙي چنگيز جي ساراهه جا ڏڪ ڀرڻ کان بک ۽ اڃ مرڻ نيڪ آهي .“

ماريءَ وڏو ٽهڪ ڏنو ....

آخرڪار چنڊول پڪي ڇهڪن جي ڌڪن جي سور کان ۽ بک ۽ اڃ کان مري امر ٿي ويو.

اڄ هن، اک نه ڏسي گوڏي جهڙي اونداهي ڪاري ڪوٺيءَ ۾ ڀاڙکي ان مظلوم ۽ دلير پکيءَ جيان سمجهان ٿو. اهو چنڊول مون وانگر هو يا مان چنڊول جهڙو آهيان، پر اسان ٻنهي ۾ آزاديءَ جي تڙپ ساڳي آهي. مان ۽ چنڊول، ٻين عام قيدين يا تتر جهڙن پکين مان نه آهيون، جيڪي ظالم اڳيان جهڪي، هنن جي خوشامد

مونکي اها خبر آهي ته ويچاري چنڊول وانگي هي سون کي مارڻ چاهين ٿا ۽ مونکي به بيگناهه قتل ڪيو ويندو، پر هنن اڳيان جهڪي، پنهنجن ساٿيهه جي سانگيئڙن سان غداري ڪونه ڪندس.

ڏاڏي جي ڪهاڻي اڃا ختم نه ٿي آهي. اها ڪهاڻي پڙندي آخر ۾ سوال ڪندو هوس: ”ڏاڏا! جنهن چنڊول ٣
سان ايترو ظلم ڪري ويچاري کي بيگناهه ايذاء رسايا، ان ظالم جو ڇا ٿيندو؟“

ڏاڏو جواب ڏيندو هو:

”منهنجا پٽ، هڪ ڏينهن اهو ساري پنهنجي وڇايل چار ۾ ڦاسي پوندو. پوء هن کي ڇڏائڻ وارو ڪو ڪونه هوندو. اهو سگهارو راڪاس آهستي آهستي هيٺو ٿيندو ويندو. هو ڇيخون ڪندو، رڙيون ۽ ڪوڪات ڪندو، پر هنکي ڇڏائڻ وارو ڪو ڪونه هوندو.... ۽ پوء چنڊول جا ساٿي پکي هن جون اکيون چڪي ڪڍي ڇڏيندا ۽ هن جو ماس ٻگهڙن جو کاڄ ٿي ويندو. پوء ظلم ختم ٿي ويندو ۽ چنڊول جا منٺا منٺا ۽ معصوم پيار پريا ٻول هن ماڙيء ۾ گونجندا رهندا.“

(ترجمو ٽيل ڪهاڻي پوري ٿي.)

* *

هن کي ”ظلم جي انتها“ جي عنوان واري پمفليٽ جو خيال آيو. آئرش اڳواڻ برينڊن باريٽ اها ١٨٨٠ ۾ جيل اندر لکي هئي ۽ ڪنهن نموني ٻاهر ڪوٺ ڪوٺ ۾ پهتي هئي.

هت به لاڏڻ نه ڏنو ڏئي.... هو بار بار آئرش عوامي لشڪر جي هڪ سرويچ ٽيرينس جنهن ١٩٢٠ ۾ ٧٤ ڏينهن بک هڙتال ڪري پهرين پهرين اهڙي موت جو مثال قائم ڪيو هو، تنهنجي هيءَ چوڻي دل ۾ دهرائيندو رهي ٿو : سوڀ انهن جي نه ٿيندي آهي جي گهڻو ماريندا آهن ، پر سوڀ انهن جي ٿيندي آهي جي پاڻ گهڻي پيڙا سهي سگهندا آهن....

* *

بک هڙتال کي ٻه هفتا ٿي ويا آهن. هاڻي هن کي بک جا چڪ تنگ ڪونه ٿا ڪن. ڪاڏي جو ڏيک هن جي اشتها ڪونه ٿو وڌائي. نستائي ۽ هيڻائيءَ ڪري هن کي چرڻ پرڻ ۾ به تڪليف ٿئي ٿي. پير وارين ڪوٺين ۾ هن جا ساٿي هن جي همت افزائيءَ لاءِ هن جي بهادريءَ جا گيت زور زور سان ڳائن ٿا جئن هو ٻڌي سگهي.

* *

بک هڙتال کي چار هفتا ٿيا آهن. هن جي حالت تمام خراب ٿي وئي آهي. هن کي جيل جي اسپتال ۾ نيو ويو آهي. هتي هن کي ريڊيو ٻڌڻ جو موقعو به ملي ٿو ۽ ٽي-وي ڏسڻ جو به . ڪجهه وقت واسطي هن جي ڪن مائٽن ۽ دوستن کي هن سان ملڻ جي اجازت به ملي ٿي . هو ٻين پروگرامن ۾ ته ايتري دلچسپي نه ٿو وٺي پر خبرون ڏيان سان ٻڌي ٿو. ان وقت اميد جو اهو هلڪو ڪرڻو به موجود هوندو آهي ته شايد ناهه ٿي وڃي ۽ اسان جي مطالبن مڃڻ جي ڪا صورت نڪري پوي.

سڪرات ۾ آهي. هن جو سرير سُڪي، سُسي ۽ سڙي سنهڙو ٿي ويو آهي. ماس ميڻجي ويو آهي. رڳو کل ۽ هڏن جا نشان وچي بچيا آهن هن جو مٿو نڊي ٻار جي مٿي جيڏو پيو ڏسجي.

هن جا ماءُ، پيءُ، ڀائر، ڀينر ۽ زال چوڌاري ويٺا آهن. سندن چهرا اداس ۽ رنڍارڪا آهن ۽ اکيون ڳوڙهن سان ڀريل. هو پنهنجي جگر جي ٽڪرڪي مرندو ڏسي رهيا آهن. ٻر هن جي علاج جي خواهش ظاهر نه ٿا ڪن، جيتوڻيڪ هو ائين ڪري ٿي سگهيا ۽ ڪوبه هنن کي نه روڪي ها. ۲

هن جي موت جي خبر پوڻ سان بيلفاسٽ شهر جي گهٽين ۾ باهه ٻري وچي ٿي. هن جي جنازي ڪڇڻ کان اڳ جيل ۾ هڪ نئون ٻڪ هڙتالي هن جي جاءِ ڀري چڪو آهي.

۸- ڊسمبر ۱۹۸۱

---

عظيم

۲

عظيم کي فڪر ٿيڻ لڳو هو. ڪاٿي موجب سندس ساٿين کي ڪلاڪ اندر واپس پهچڻو هو، پر ٻه ڪلاڪ ٿي ويا هئا، هو اچا نه وريا هئا. انتظار وچان چوڌاري نگاهون ڦيري رهيو هو. ٻه ٽي پيرا ٽئڪسيءَ مان نڪري آسپاس فوٽ پاٿ تي چڪر ڏنائين. صبح جا ٻارنهن وڳا هئا. بزار پوري اوج تي هئي. ٻنهي پاسي بيٺل رنگبرنگي ۽ نئين ڪان نون ماڊلن جي موٽرن ۽ ٽئڪسين جون لانڍيون هيون. رستي جي وچ تي گاڏين جو درياهه چالو هو. گراهڪ ۽ دڪاندار خريداري ۽ وڪري ۾ رڌل هئا. عاشق مزاج نوجوانن جا ٽولا پنهنجي نموني مصروف هئا. پينو فقيرن ۽ فقيرياڻين جي به ڪمي ڪانه هئي. جيڪڏهن ڪنهن عظيم جي ٽئڪسي ڀاڙي ڪرڻ ٿي چاهي ته هن جواب ٿي ڏنو ته خالي نه آهي.

ان مهل اتر پاسي کان جتي سرڪاري آفيسون هيون، اتان بندوقن جا ٺڪاءَ ۽ بمن جا ڌماڪا ٻڌڻ ۾ آيا ۽ دونهين جا ڪڪر اڀرڻ لڳا. ماڻهن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي. ڀڄ ڀڄان شروع ٿي وئي. دڪان ٺڪاٺڪ بند ٿيڻ لڳا. ڏسندي ڏسندي سپاهين سان ڀريل ڪيترين ئي ٽرڪون ۽ جيپون

اما هئي هنجي طبيعت ۾ بي خيالي، ننڊ نه اچڻ ۽ ماني گهٽ کائڻ.

هو بدن ۾ ڳرندو ٿي ويو. هن جي حالت جي خبر ڪمانڊر تائين پهتي. هنڪي اسپتال ڏانهن موڪلڻ جو آرڊر ڪيائين. قومي آزادي محاذ جو پنهنجو صحت کاتو هو ۽ پنهنجيون اسپتالون هيون. انهن ۾ عام ڊاڪٽرن کانسواءِ مختلف مرضن جا ماهر ڊاڪٽر به موجود هئا.

ابتدائي چڪاس ڪانپوءِ، عظيم کي ذهني بيمارين جي ماهر ڏي موڪليو ويو. ان ڊاڪٽر سوال پڇڻ شروع ڪيا ته هو انهن جا جواب ڏيڻ کان لهرائڻ لڳو ۽ چوندو رهيو ته مونکي ڪجهه ڪونهي، ٿوري ضعيفائي آهي، ڪا طاقت جي دوا ڏئي ڇڏيو. هن جي خواه مخواه ڪڙو تڙو ۽ چست نظر اچڻ جي ڪوشش ۽ نقلي ۽ ضرورت کان زياده پڪڙجندڙ مرڪ مان ڊاڪٽر محسوس ڪيو ته هن جي ڪا بنيادي پريشاني هن جي ظاهري متاڇري مان ڏار ڪري اپري رهي آهي. هن کي وڌيڪ چڪاس، علاج ۽ آرام خاطر اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو.

ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر هن کي وارڊ ۾ ڏسڻ ويو ته هو وڌيڪ ويڳاڻو لڳس.

”طبيعت ڪيئن آهي؟“ ڊاڪٽر پڇيو.

”هونءَ ته ٿوري گهٽي ننڊ ايندي آهي، پر رات ته صفا ڪانه آئي.“ عظيم وراڻيو.

”نرس توکي ننڊ جي گوري ڪانه کارائي هئي؟“

"گوري ته ڪارائي هٿائين، پر ان به اثر ڪونه ڏيکاريو."

"ننڊ چونه ٿي آئي. ڪا جسماني تڪليف آهي، ڪا ڳڻتي آهي، ڪو فڪر آهي؟"

"ڪي خيال هئا، جي دماغ مان نڪتائي نه ٿي. وَرُ وَرُ ڪري ٿي موٽي آيا."

"ڪهڙا خيال؟" ٢

"مڙئي هيڏانهن هوڏانهن جا."

"مثال طور؟"

"بس هئا ڪي شخصي خيال."

"مون کي به ته ٻڌاءِ؟" ڊاڪٽر چيو.

عظيم ماٺ ٿي ويو. ڊاڪٽر ڪجهه گهڙيون هن ڏي نهاريندو رهيو. پوءِ نرس کي سڏ ڪري ٻين دوائن سان گڏ اهو به چيائين ته اڄ هن کي ننڊ جي گورين جو ٻٽو وزن ڏنو وڃي.

ٽئين ڏينهن ڊاڪٽر هن کي ڏسڻ ويو ته هن جو حال وڌيڪ برو ڏٺائين.

"ڪيئن منهنجا بهادر ساٿي، رات ننڊ آئي؟" ڊاڪٽر پڇيو.

"نه ڊاڪٽر سائين، ڊبل ڊوز به اثر نه ڪيو."

ڊاڪٽر هن جي بستري جي پير ۾ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. هو ڪي پل چپ رهيو. هن ڪمانڊر وٽان هن جي گذريل جيون جو رڪارڊ گهرائي پڙهيو هو.

"عظيم، مون کي خبر پئي آهي ته تون نهايت دلير

ڊاڪٽر اچڻ ۾ دير نہ ڪئي، خلاصي ڪري ۾ ڪٽ تي عظيم کي ليٽايائين. پاڻ سيرانديءَ کان ڪرسيءَ تي اٿين ٿي ويٺو جو ھن جو منھن ۽ نگاھون عظيم جي پيرن طرف ھيون. عظيم کي ڳالھائڻ لاءِ چڏيائين تہ جو ڪجھ، جيءَ ۾ اچيس سو چوندو وڃي . عظيم بنا روڪ ٽوڪ ڪالھوڪي سوچيل سڄي ڪٿا دھرائي.

پوءِ ھو ماٺ ٿي ويو. ڊاڪٽر اچا بہ ماٺ رھيو.

”چا منھنجيون جنسي ناڪاميون منھنجي پريشانين ڪري آھن؟“ عظيم پڇيو.

”ھا، اھو ناممڪن تہ نہ آھي.“ ڊاڪٽر ورائيو.

تڏھن ھو اٿي بستري تي ٿي ويٺو.

”توھان مان اٿين ٿئي ھا تہ توھان چا ڪريو ھا؟“

”ڪجھ چئي نہ ٿو سگھان.“ ڊاڪٽر جواب ڏنو.

”چا توھان پنھنجي زال کي پنھنجو ڪيو ھا؟“

”مان سمجھان ٿو تہ مان پنھنجو ڪريان ھا.“

”جيئي الجزائر!“ عظيم نعرو ھنيو.

”سدا جيئي، سدا جيئي!“ ڊاڪٽر اتر ڏنو.

(الجزائر جي قومي آزاديءَ جي جنگ جو ھڪ واقعو سنڌي ڪھاڻيءَ جي روپ ۾)

---

## هو فرينچ هو

هنن ٻن ڇوڪرن جو تازو ٻـن واقعن سان واسطو پيو ٢
هو. هي الجزائر جي عوام جو قومي آزاديءَ لاءِ جاکوڙ جو زمانو هو. الجزائري، فرينچ سامراج کي پنهنجي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ لاءِ، هنن جي پوليس ۽ فوج سان مقابلو ڪري رهيا هئا. سامراجي ظلم پنهنجي عروج تي پهچي چڪو هو. هڪڙي اڌ رات جو فرينچ فوج جا ٻه سو هٿياربند سپاهي رواط ڳوٺ کي گهيرو ڪري ويا. هي هڪڙو ريگستاني ڳوٺڙو هو، جنهن ۾ ڏهه ٻارنهن گهر مس هئا. حڪومت کي شڪ هو ته رواط وارن قومي آزادي محاذ جي گوريلن کي پناهه ڏني آهي ۽ اتي هٿيارن ۽ باروت جا ذخيرا لڪل آهن. تلاشي ورتي وئي. ڪجهه نه نڪتو. هڪ هڪ جهوپڙي ڊاٺي وئي ۽ ڳوٺڙي کي باهه ڏني وئي. ٻارن کي ٺُڏا هنيا ويا ۽ عورتن جي بيحرمتي ڪئي وئي. پڇاڙيءَ ۾ ڳوٺ جي هڙني چاليهن مردن کي بيهاري، گوليون هڻي ماريو ويو.

اسد ۽ ناصر جا ان ڳوٺ ۾ مائٽ هئا. اسد جو مامو مارجي ويو ۽ ناصر جـو چاچو ۽ نوجوان سوٽ گولين جو شڪار بڻايا ويا. انهن قتلن تي هنن ڇوڪرن ڏٺو هو ته هنن

زخمي ٿي ها. ان ڪري ڪهران چاقو آڻي اسان هن کي ماري ڇڏيو.“

”پر توهان بلمور کي ڇو مارڻ لاءِ چونڊيو؟“

”ڇو ته هو اسان سان ڪيڏندو هو. پيو ڪو اسان سان گڏ پهاڙيءَ تي نه هلي ها.“

”پر هو ته توهانجو دوست هو؟“

”ته ڀلا ڀوءِ هو اسانکي ماري ڇڏڻ ڇو ٿا چاهن؟ هن جو پيءُ رضاڪار فوج ۾ آهي ۽ هن چيو هو ته سيني عربن جو گلو ڪپڻ کپي.“

”پر بلمور ته توهانکي ڪجهه نه چيو هو؟“

”بلمور؟ نه....“

”توکي خبر آهي ته هو مري ويو آهي؟“

”ها.“

”مري وڃڻ جو مطلب، ڇا آهي؟“

”جڏهن ساهه نڪري وڃي ۽ ماڻهو ٻئي جهان ڏي هليو وڃي.“

”ڇا تو ئي هن کي ماريو؟“

”ها.“

”ڇا قتل ڪرڻ ڪري توکي افسوس نه ٿيو آهي؟“

”نه، ڇو ته هن به اسان کي مارڻ ٿي چاهيو.“

”ڇا تون جيل کي خراب ڪونه ٿو سمجهين؟“

”نه، اسان ڇا الاهي عرب جيل ۾ آهن.“

* *

نـاصر جـي عمر ١۴ سال هئي. هو پنهنجي ساٿي احمد کان صفا نرالو هو. هاڻي کان ئي هن جي هلت چلت ۾ پختگي ٿي نظر آئي. هو قد بت، شڪل شباهت ۽ جوانيءَ جي لحاظ کان بالغ ٿي لڳو. هـن به قتل کان انڪار نه ڪيو. هـن قتل ڇـو ڪيو؟ ان سوال جـو جواب هـن نه ڏنـو. اٿلندو ڊاڪٽر کان سوال ڪيائين ته ڇا تـو ڪڏهن ڪو يورپي جيل ۾ ڏٺو آهي؛ ڇا ڪڏهن به ڪو يورپي ڪنهن الجزائري‌ءَ کي قتل ڪرڻ ڪانپوءِ گرفتار ٿي جيل پهتو آهي؟ ڊاڪٽر جواب ڏنو ته واقعي ئي مون ڪڏهن به ڪنهن يورپيءَ کي جيل ۾ نه ڏٺو آهي.

”ان هوندي به ته الجزائري هـر روز قتل ٿين ٿا، ٿين ٿا نه؟“

”ها، ٿين ٿا.“

”ته پوءِ رڳو الجزائري ئي جيل ۾ نظر ڇو ٿـا اچن؟ توهان مونکي ان جو سبب ٻڌائي سگهو ٿا؟“

”نه، پـر تـون مونکي اهو ٻڌاءِ ته اهو ڇوڪرو جـو تنهنجو دوست هو، تنهن کي تو ڇو قتل ڪيو؟“

”مان تـوهان کي ٻڌايان ٿـو. تـوهان رواط ڳوٺ جي مردن جي قتل جو قصو ٻڌو آهي؟“

”ها.“

”ان ۾ منهنجي گهر جا ٻه ماڻهو ماريا ويا. گهر وارن چيو ٿي ته فرينچن اسان سيني کي قتل ڪري ڇڏڻ جـو قسم کنيو آهي. ڇا هنن رواط وارن الجزائرين جي قتل ڪري

ڪنهن هڪڙي فرينچ کي پڻ گرفتار ڪيو؟“

”مونکي خبر ڪانهي.“

”خير، هڪڙو ڇٽو به گرفتار نه ٿيو. مان پهاڙن ۾ وڃي قومي آزادي محاذ جي ويڙهو جٿي ۾ شامل ٿيڻ ٿي چاهيو، پر منهنجي عمر ننڍي هئي. پوءِ مون ۽ اسد گڏجي صلاح ڪئي ته اسين هڪڙو يورپي قتل ڪريون.“

”ڇو؟“

”ته توهانجي خيال موجب ڇا ڪرڻ گهرجي ها.“

”مان ڇٽي نه ٿو سگهان. پر تون ته ٻار آهين، جو ڪجهه ٿي پيو سو ته وڏن جو مامرو آهي؟“

”پر هو ته ٻارن کي به قتل پيا ڪن.“

”پر هي تـه پنهنجي دوست کي مارڻ جـو ڪو سبب ڪونه هو؟“

”پر هو فرينچ هو ۽ مان عرب آهيان...“

(الجزائر جي قومي آزاديءَ جي جنگ جو هڪ واقعو سنڌي ڪهاڻيءَ جي روپ ۾)

١٧- ڊسمبر ١٩٨١

---

## بنيو

ٻڌائڻ جي ڳالهه اها نه آهي ته هن گهڻنا ڪان پوءِ هن ڏاڏي ۾ ڪوبه صوبيدار يا سپاهي مقرر ٿيڻ لاءِ تيار نه هو، پر ٻڌائڻ جي ڳالهه اها آهي ته هڪ ننڍي ڳوٺ جو هي واقعو انقلابي راهه جو سنگ ميل ثابت ٿيو. اهڙو سنگ ميل، جنهن ۾ پنهنجي ڏيهه الجزائر جي ڏاهي فرانز فئنن جو روح رچجي ويل هجي.

بلال پنهنجي لانڍيءَ ۾ ڪم ۾ رڌل هو. پرسان رکيل ڳوهيل چيڪي مٽيءَ جي ڍڳ مان چاڻو ڪڍي، ٻنهي هٿن سان گولو ٿي ٺاهيائين. اهو ڦرندڙ چڪ جي وچ تي رکي، پنهنجي هنرمند هٿن، خوش ذوق نگاهن ۽ فنڪارانه ذهن سان ان مان ٿانوَ تخليق ڪندو ٿي ويو. آلي چيڪي مٽيءَ جي سڳنڌ ۽ ان جي نرم ۽ ٿڌڙي ڇهاءَ هن ۾ اتساهه ٿي پيدا ڪيو. هو ڪو عربي قومي نغمو جهونگاري رهيو هو.

لانڍيءَ جي اڌو ڪافي ڪشادو آڳنڌ هو. ان جي هڪڙي ڪنڌ ۾ آوي هئي، جنهن ۾ هينئر به باهه ٻريل هئي ۽ ٿانوَ پچي رهيا هئا. چوڌاري ڪچا تـوڙي پڪا، چٽيل توڙي اڻ چٽيل ٿانوَن جا ڍير هئا! مٽ، دلا، گهگهيون،

ڪري پنج سال ٽيپ ڏياري ڇڏيائون.“

”مونکي آفم رکڻ جي ڪوڙي الزام ۾ ڦاٿي تي بيعزتو ڪيائون ۽ موچڙا ھنيائون ۽ ڇڏائڻ ۾ ٻہ سو رپيا وٺي آجو ڪيائون.“

”مونکان ڏھہ وال ڪپڙو خريد ڪيائون. ڪيترائي پيرا ڏوڪڙ گھريم. ان ڪاوڙ ۾ منھنجي دڪان جو ڪاٺ ھٽارايائون. فرياد ڪرڻ ويس تہ ڪوڙو فرياد ڪرڻ جي الزام ۾ پڪڙي ڦاٿي ۾ وھاريائون ۽ ڪپڙي جي قيمت کان ٽيڻا پيسا وٺي پوءِ ڇڏيائون.“ ٢

”مونکان ھي ٽمين ڏينھن ٻہ سير گوشت گھرائن ٿا پر پئسي جي ڳالھہ ئي ڪونہ ڪن.“

”مون کان لٽا مفت ۾ ڊٺاريا وڃن ٿا.“

”مونکي بگيءَ جو ڀاڙو ڪونہ ڏيندا آھن.“

”ھڪ لوفر جي ذريعي منھنجي ڌيءَ کي صوبيدار پنھنجي دام ۾ ڦاسائڻ چاھيو. مون ان لوفر کي اک ڏيکاري تہ مونکي پڪڙي ڦاٿي ۾ بند ڪري منھنجي گھر کي نڌڪو ڪري ھڪ طرف منھنجي ڌيءَ جي عزت لٽي وڌي ۽ ٻئي پاسي ڏھہ ڏينھن مونکي ماريندا ڪٽيندا رھيا.“

ماڌو ايندا ئي ويا. ھن ڳوٺ ۾ چار پنج اھڙا انقلابي پڻ ھئا، جن کي شھرن ۾ پوليس سوڙھو ڪيو ھو ۽ ھتي ھارين وٽ اچي پناھہ ورتي ھئائون. ھارين ھنن کي پوليس جي گرفت کان محفوظ رکيو ھو. ھنن جو ھارين تي پرڀاو ٿي ويو ھو. ھتي رھي ھنن پنھنجي ملڪ ۽ پنھنجي ملڪ واسين

ويندي هڪ ٻن ڳوناڻن ڏنو ۽ سچاتو آهي، ۽ بلال بيقصور آهي. اسانجو فرينچ سامراجين جي ٿاڻن ۽ ڪورٽن ۾ ڀروسو نه رهيو آهي. اهي ظلم ۽ بي انصافيءَ جا اڏا آهن. اسان هاڻي عوام طرفان فيصلا ڪنداسون ۽ سزائون ڏينداسون."

"اسان کي سڌو قدم کڻڻو پوندو. پنهنجي طاقت سان ٿاڻي مان پنهنجي همراهه کي ڇڏائڻو پوندو."

"اڻو، اڻو!"

"هلو، هلو!"

"وڌو، وڌو!"

ڪن لٺ آندي، ڪن ڪهاڙي، ڪن ڪوڏر، ڪن ڇنجور، ڪن لوهي سيخ ۽ ٻن ڄڻن بندوقون. ماڻهو مڙندا ويا، ماڻهو وڌندا ويا. پنج سو ڪان وڌيڪ ماڻهن جو جلوس هو. اڌ رات ٿي چڪي هئي. صوبيدار ۽ سپاهي دستور موجب شراب ڪباب سان شغل ڪري نشي ۾ بيخبر ستا پيا هئا. ٻهري وارو سپاهي به نشي هيٺ گهيرٽن ۾ هو.

صوبيدار ۽ سپاهين جي قتل، نظربندن کي آزاد ڪرائڻ، ٿاڻي کي باهه ڏيڻ ۽ هٿيار ۽ باروت جي لنجي وڃڻ ۽ وڌيري ي مارجڻ جون خبرون هيڊڪوارٽر ۾ پهتيون ته هٿياربند پوليس جي ٽرڪ ڳوٺ ڏانهن موڪلي وئي. ڳوٺ ۾ پهچڻ کان اڳ جڏهن اها گاڏي هڪڙي پهاڙي لڪ مان لنگهي رهي هئي ته پهاڙ جي چوٽين تي لڪل ڳوناڻن اوچتو ان تي گولين ۽ بمن جي بارش وسائي ڏني. گاڏي ڪنٽرول مان نڪري وئي ۽ ڇهه سؤ فوٽ اونهي کڏ ۾ وڃي ڪري.

پوندو آھي، جو تہ ھو ننگي ظلم جو شڪار ھوندو آھي ۽ شھري مزور جي مقابلي ۾ وڌيڪ ذلتزيل ۽ وانجھيل ھوندو آھي، ۽ انھيءَ ڊپ کان تہ متان بک نہ مري وڃي، ھو ھلندڙ پرمار سرشتي جي مڪمل تباھيءَ کان گھٽ جو مطالبو نہ ڪندو آھي ۽ ان لاءِ فقط تشدد ئي اثرائتو ذريعو ٢
سمجھندو آھي.

* *

هاڻي ملڪ جون انقلابي پارٽيون پنھنجن ماڻھن، وٽن ۽ وسيلن سان بغاوتن ۾ شامل ٿي رھيون ھيون ۽ نوان محاذ کولي رھيون ھيون. الجزائر قومي آزادي محاذ پنھنجا سڪيا ورتل گوريلا شھرن ڇوڙي ٻھراڙيءَ ۾ چرپر ۾ آڻي ڇڏيا.

انقلابي پارٽيون، جيڪي ھڏ تر ۾ ھيون ۽ جنکي سمجھہ ۾ نہ ٿي آيو تہ قومي جنگ ڪٿان ۽ ڪيئن شروع ڪئي وڃي، تن کي ڪي ٻيو ملي ويو ھو.

## ڪونج ٻڌائي آڪاڻي

٢ ڪونج ڇهن ستن سالن جي هئي ته آڪاڻي ٻڌڻ لاءِ اچي منهنجو پاسو ونندي هئي. ڪڏهن وري چوندي هئي: بابا، اڄ مان ٿي توهان کي ڪهاڻي ٻڌايان.

هڪ ڏينهن ٻڌائڻ لڳي: ”هڪڙو هو بادشاهه. هو امير ماڻهو هو، جهڙا اسين امير آهيون نه، اهڙو امير. هنجي ملڪ ۾ هڪڙو غريب ڪانئير رهندو هو.“

”پلا اهو ڪانئير ڪنهن جهڙو غريب هو؟“ مون پڇيو مانس.

هوءَ ٿورو منجهي پئي. سوچي جواب ڏنائين: ”جهڙو اسان جو نوڪر نواز آهي، اهڙو غريب.“ ٿورو ماٺ ٿي وري چيائين ”پر نواز کي ته اسان وٽان ٿي ويلا ماني ملي ٿي ۽ پگهار به مليس ٿي، جنهن مان ڪپڙا به سٺا وٺي پائيندو آهي. پر اهو ڪانئير اهڙو غريب هو جو بک مرندو هو ۽ ڪپڙا به ڦاٽل هوندا هئس.“ هن اهڙي اعتماد سان چيو ڄڻ ته ان ڪانئير کي اکين سان پئي ڏٺو هئائين.

”پلا توکي ڪيئن خبر پئي ته اهو ڪانئير پيٽ بکيو رهندو هو ۽ لٽا ڦاٽل هوندا هئس؟“ مون سوال ڪيو.

”جهنگ ۾ هن کي بکيو ۽ هن جا ليڙون ليڙون ٿيل

ڪپڙا ڏسي ٿي ته پريءَ ڪي هن تي ڪهل آئي هئي."

"ڀلا ڪاٺير ڪم ڪونه ڪندو هو ڇا؟"

"ڪم ته ڏاڍو ڪندو هو. جهنگل ۾ وڃي سڪيون ڪاٺيون به ميڙيندو هو ۽ ڪهاڙيءَ سان وڻن مان ڪاٺيون ڪپيندو هو ۽ اهي گهر وڃي رکندو هو ۽ جڏهن سڪنديون هيون ته پنهنجي گڏهڙي تي رکي شهر ۾ وڃي وڪڻندو هو. سڄو ڏينهن پورهيو ڪندو هو، تڏهن به ايترا ڏوڪڙ ڪونه ملندا هئس جو پيٽ ڀري ماني کائي ۽ نوان ڪپڙا وٺي."

"ڀلا بادشاهه ڪم ڪندو هو؟"

"بادشاهه ٿورو ئي ڪم ڪندا آهن."

"مان به ڪم ڪيان ٿو، نواز به ڪم ڪري ٿو ۽ ڪمائي ٿو، پر بادشاهه ڪم به ڪونه ڪندو هو تڏهن به هن وٽ الاهي دولت هئي. اها ڪٿان ٿي آنڊائين؟"

هوءَ وري چپ ٿي سوچ ۾ ٻڏي وئي.

"توهان مون کي پيسا ڏيندا آهيو نه، ماڻهو به ائين بادشاهه کي پيسا ڏيندا هوندا."

"پر توهان ته منهنجي ڌيءَ آهيو، ننڍڙي آهيو ۽ ڪمائڻ لائق نه آهيو. بادشاهه ته جوان مرد ۽ ڏاڍو مٺو هو، ۽ هو ٻين جو ڪو پٽ پاءُ يا لولو لنگڙو ته ڪونه هو جو هن کي پيسا ڏيندا هئا؟"

"ها، بابا، مون کي ياد آيو ته ڪاٺير جهنگ ۾ پريءَ کي دانهن ڏني ته مان جيڪي ڪاٺيون وڪڻڻ واسطي

تہ قاسي ملندس، هو گهلجندو گهلجندو ڪانيون ڪرڻ لاءِ هن جهنگ ۾ پهتو هو. بابا، پريون ٻارڙن ڪي ڏاڍو پيار ڪنديون آهن ۽ غريبن جو بہ ڏاڍو خيال رکنديون آهن. سو هن پريءَ ڪي ڪانير تي قياس اچي ويو. پوءِ خبر اٿو پريءَ ڇا ڪيو؟ هڪ تہ هن ڪي ايتري دلداري ڏنائين جو هو اتي جو اتي نيڪ ٿي ويو ۽ پوءِ هن ڪي هڪڙي ترڪيب ٻڌايائين."

"ڪهڙي ترڪيب؟" مون پڇيو.

"پريءَ ڪانير ڪي ٻن قسمن جا پائوڊر يعني ٻورا ڏنا، هڪڙو ڳاڙهو ٻورو ۽ ٻيو سائو ٻورو، ۽ هن ڪي سمجهايائين تہ ڳاڙهو ٻورو پاڻيءَ ۾ ملائي تون ڪنهن نموني شهر جي مڙني ڪمين ڪاسبين ۽ پورهيتن ڪي پيارجان، ۽ تون پاڻ بہ پيجانءِ. ان جو اثر اهو ٿيندو جو توهان سڀئي اهڙو بيمار ٿي پوندا جو بستري داخل ٿي ويندا ۽ چرڻ پرڻ جهڙا نہ ٿيندا. ان ڪري ڇا ٿيندو جو ڪير بہ بادشاهہ ڪي نہ ڪانيون پهچائيندو نہ ڪپڙا ڌوئيندو، نہ اَنُ ڏيندو، نہ ماني پچائيندو ۽ نہ ڪو ٻيو ڪم ڪندو. جنهن ڪري ٻن ٽن ڏينهن اندر ئي بادشاهہ اهڙو بيزار ۽ تنگ ٿيندو جو آڻ مڃيندو ۽ ڪنهن بہ نموني پورهيتن ڪي ڇاق چڱو ڀلو ڪرائڻ چاهيندو. ان وقت تون شرط وجهجانءِ تہ جي بادشاهہ انجام ڪري تہ اڳتي ڪڏهن بہ ڪنهن پورهيت کان بنا اجوري نہ ڪو ڪم ڪرائيندس ۽ نہ مفت ۾ هن کان ڪا شيءِ وٺندس. پوءِ تون هي سائو

٩- جنوري ١٩٨١

# ڪڙڪو، ڪڙڪو، ڦڙڪو

نوين بجي ڏي، جيڪو آفيس جو ٽائيم آهي، هو پنهنجي نموني پچا ڪن ٿا ته صوبيدار پنهنجي آفيس ۾ اچي ويو آهي يا نه. پنهنجي نموني ان ڪري جو هو اهو نه ٿا چاهين ته صوبيدار يا ٺاڻي جي ڪنهن ماڻهوءَ کي هنن جي ارادي جو اڳواٽ اطلاع پهچي وڃي. نيٺ يارهين بجي پٽو پوي ٿو ته صوبيدار پنهنجي بنگلي مان نڪري آفيس ۾ اچي ويٺو آهي.

ڏهن شاگردن جو جٿو ٺاڻي اندر گهڙي ٿو. ٻه سپاهي ٻاهر ٽڙڪي ۾ ويٺا آهن. هنن کي سرڪاري اوور ڪوٽ پاتل آهن ۽ سندن آڏو سگريءَ ۾ ڪوئلا ٻري رهيا آهن. ڳالهيون ڪندي هٿ سيڪين پيا. شاگردن کي گهڙندي ڏسن ٿا. سوچين ٿا ته جو ڪم هوندن پاڻهي اچي پڇندا يا صوبيدار سان ملڻو هوندن ته هن کي اطلاع ڏيڻ لاءِ چوندا. شاگرد سڌو صوبيدار جي ڪمري ڏي رخ رکن ٿا. ورانڊي ۾ بينچن تي ٽي چار عرضدار ويٺل آهن. هنن جا ڪپڙا موسم جي سخت جهلڻ لاءِ اڻپورا آهن. هو سيءَ کان ڏڪي رهيا آهن. چوڪرا دروازي جو پردو هٽائي، صوبيدار جي آفيس اندر داخل ٿين ٿا. ڪمري جو گرم وايو منڊل هنن ۾

لفظ اڪاي نہ ٿي سگهيس. هو گرهہ گرهہ ڪري پنهنجي هٿ سان پاڻ کي ماني کارائڻ لڳو. ٻاهر گوڙ ٿيو تہ سپاهي اوڏانهن وڃي وري موٽي آيو. اڄڻ سان حڪم ڪيائين تہ هاڻي گهٽو ٿي ٿيو، اٿ، ٻاهر نڪر. ماني اڃا پوري نہ ٿي هئي. ساڻون گهٽو ڏي ٻاڏايو پر سپاهي هن کي ٻاهر ڪڍي ٢
قلف بند ڪيو ۽ رؤنشو ڏسڻ لاءِ ورانـڊي ڏانهن هليو ۽ ساڻون کي اتي ٻيهڻ نہ ڏئي هليو وڃڻ لاءِ چيائين....

صوبيدار سگريٽ وارو هٿ چپن تان هيٺ ڪري ٿو. نرڙ تي هيٺر جي ٽارن جهڙا گهنج پيدا ڪري ڪڙڪي سان چوي ٿو: "توهان ڪير آهيو ۽ ڇو آيا آهيو؟"

"اسين لقمان، جيڪو هتي چئن ڏينهن کان لاڪپ ۾ آهي، تنهنجي باري ۾ ڳالهائڻ آيا آهيون." شاگردن جو سرواڻ وراڻي ٿو.

"توهانجو ڇا وڃي ان معاملي ۾؟ توهانجي هن سان ڪهڙي مائٽي آهي جو وچ ۾ ٿا پئو؟" صوبيدار گجي ٿو.

"هو اسانجي ڪوٺ جو آهي ۽ اسانکي خبر آهي تہ هو بيڏوهي آهي." شاگرد جي جواب ۾ ساڳي نرمي آهي.

"توهان کي شرم اچڻ گهرجي جو پڙهيل ڳڙهيل ٿي هڪ چور جي سفارش ڪرڻ آيا آهيو." صوبيدار جو آواز بلند ٿي ٿو وڃي.

"اها توهان کي بہ خبر آهي تہ لقمان اها چوري نہ ڪئي آهي ۽ توهان کي توڙي اسان کي اها بہ خبر آهي تہ اها چوري ڪنهن ڪئي آهي." شاگرد جي آواز ۾

خود اعتمادي آهي.

”مان توهان کي منهنجي ڊيوٽيءَ ۾ اٽڪاءَ جو قلم لڳائي گرفتار ڪري سگهان ٿو.“ صوبيدار مروٽي مڇن کي ڀرڻ جي چنڊ جي شڪل ۾ بنائيندي چوي ٿو.

٢ ”ته پوءِ هوندو به رکو وڏيرو توسان گڏ، جنهن جي چرچ تي ۽ جنهن سان ڀٽ تي ٿون بيٺوهي لقمان تي هن ڪيس ۾ ظلم ڪري رهيو آهين ۽ توکي مقابلو ڪرڻو پوندو شهر جي شاگردن، پورهيتن ۽ هارين سان.“ شاگرد صوبيدار سان اکيون اکين ۾ ملائي ڳالهائي ٿو.

”اهي سڀ ڪتابي ڳالهيون آهن. ڇا جا شاگرد، ڇاجا پورهيت. اڃا اسان جي ڏنڊي جو مزو نه چکيو اٿئي.“ صوبيدار جو هٿ اڃا مڇن مروٽڻ ۾ مشغول آهي.

”سماج جي تاريخ ۾ اهڙو مرحلو به ايندو آهي جو ڪتابي ڳالهيون حقيقت جو روپ وٺنديون آهن.“ شاگرد چوي ٿو.

”مان ٻڌڪيون ٻڌڻ تي هريل ناهيان.“ صوبيدار ڪرڙي اک سان چوي ٿو.

”خير اسين بحث ڪرڻ ڪونه آيا آهيون. اسان فقط چتاءُ ڏيڻ چاهيون ٿا ته لقمان کي هن ڪلاڪن اندر آجو ڪيو وڃي!“

شاگردن جي ٻوٿن جو ڪڙڪو ختم ٿئي ٿو ته صوبيدار رڙ ڪري سپاهين کي اندر سڏي ٿو. هو ڏسن ٿا ته هن جو منهن هيٽر جي تتل تارن جيان ڳاڙهو ٿي ويو آهي، مڇن

۾ ڦڙڪو آهي ۽ هن جي پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا نڪري آيا آهن. هو هنن کي دهائي ٿو ته هنن ڇورن کي اندر اچڻ چو ڏنن. سپاهي ماٺ ماٺ ۾ ٻڌندي محسوس ڪن ٿا ته صوبيدار جا نشا ٽٽي چڪا آهن.

۲۳- اپريل ۱۹۸۱

---

## ۲ ڏکنڊڙ ڏيل جو اڏل ارادو

”پرينهن واري هڙتال ۾، يهودين جي هن ڪارخاني ۾ ڪنهن نه ڪنهن طرح ڪم ضرور بند ڪرائڻو آهي.“

گرما گرم گفتگو ٿي رهي آهي اردن نديءَ جي الهندي ڪناري جي نابلوص شهر جي غريب پاڙي جي هڪ گهر ۾. فلسطيني تنظيم جا ڏهه نوجوان آهن. هو هڙني هڪ ئي وقت هن جاءِ ۾ ڪونه گهڙيا هئا. هڪ هڪ ٿي، جدا جدا وقت تي، جدا جدا پاسي کان ۽ جدا جدا گهٽيءَ مان هو هتي اچي گڏ ٿيا آهن. ڪن کي عربي جبا پهريل آهن ۽ ڪن کي نيرا جينيز.

”يهودين جي لشڪري راڄ خلاف اسان جو احتجاج ته هلندو ئي آيو، اسان جي ٻن ميمبرن کي برطرف ڪرڻ کان پوءِ ان ۾ تيزي اچي وئي هئي. ان تيزيءَ دوران، جيروسلم جي مسيت ۾ هڪ يهودي سپاهيءَ جو عربن تي حملو، ٻرندڙ باهه تي پيٽرول هارڻ برابر آهي.“

”سارو معاملو ئي پيٽرول جو آهي. عرب ملڪن جي زمين مان پيٽرول نڪتو ته سامراجين کي پيٽ ۾ سور ٿي پيو. ان پيٽرول تي قبضو قائم رکڻ لاءِ ۽ عربن کي هيسائڻ

ان حق کان وانجھو رکيو پيا اچن. ھن ھڙتال جي سڏ ۾ اعڙن حاکمن جي رويي ۾ ڦيري جا امڪان ملن ٿا ۽ خاص طرح پھريون ڀيرو عرب ملڪن جي عوام جي ذھن نشين اھا ڳالھه به ٿيندي ته قومي احتجاج جو ھڪڙو طريقو اھو به آھي."

ھڪڙو ساٿي اٿي ڳڙکيءَ وٽ وڃي ٿو ۽ اھا ٿوري کولي، آسپاس ٻاھر جي چڪاس ڪري، وري واپس اچي وھي ٿو.

"اسان کي ھر طرف کان جڪڙيو ۽ پڪڙيو پيو وڃي. نه سياسي آزادي، نه اظھار جي آزادي. اسان لاءِ آھن ڦٽڪا ۽ ڦاسيون، گولا ۽ گوليون. اسان جي تاريخ ۽ تھذيب کي غلط روپ ۾ ڦيرايو پيو وڃي. وڏي ۾ وڏو ھاڃو تعليم جي ميدان ۾ رسايو پيو وڃي. اسڪول ۽ ڪاليج، ڪنھن نه ڪنھن بھاني، سال مان ڏھ مھنا بند رکيا ٿا وڃن."

"ديسي ماڻھن پٺيان ايترا جاسوس ڇڏيل آھن، ۽ جاسوسيءَ تي ھيءَ يھودي حڪومت ايترو خرچ ڪري ٿي، جنھن جي اڌ جيترو به تعليم يا صحت جھڙن شعبن تي به ڪونه ٿي ڪري. فوجي توڙي غير فوجي يھودي ڪليو ڪلايو اسٽين گن ۽ مشين گن جھڙا ھٿيار کنيو پيا گھمن ڦرن، پر اسان فلسطينين کان سڀ ھٿيار کسيا ويا آھن. ڪوڏر ڪٽڻ به ڏوھه آھي."

"اسان کي ٿورائيءَ ۾ ڪرڻ واسطي ٻاھران يھودي آڻي ھتي آباد ڪيا پيا وڃن. ھنن کي بستيون (Settlem-

ڳالھہ چوندا آھن تہ اسين بہ انجو جواب ڏيندا آھيون ۽ بحث مباحثو ڪندا آھيون ۽ اڪثر ھنن کي لاجواب بنائي ڇڏيندا آھيون. ھو پنھنجي ٻي ڌرتيءَ تي پنھنجي اصلي لباس کي ترڪ ڪرڻ تي تيار نہ ٿيا ھئا. ڇوڪرن اھو پڻ ٻڌايو ٿي تہ انھن ٻارھن مھنن ۾ ٻيو ڪوبہ فلسطيني ھن ٦ ڪارخاني جي نوڪريءَ ۾ ڀرتي نہ ڪيو ويو آھي. ھنن جو چوڻ ھو تہ اسان گھڻي ڪوشش ڪئي آھي، پر اسان کي اتي رھڻ لاءِ ڪوارٽر نہ ٿو ملي. ڪارخاني اندر ڪوارٽرن جو شھر بنايو ويو آھي، ۽ ان ۾ پاڙا بنايا ويا آھن ۽ ھر پاڙي تي يھودي نالا رکيا ويا آھن، جي ھنن جي تاريخ ۽ تھذيب جي عڪاسي ڪن ٿا.

* *

ھڪڙي محفل ۾، جڏھن ڇوڪرن پنھنجي ھيءَ ڪٿا پوري ڪئي، تہ خيالن جي ڏي وٺ شروع ٿي وئي:

”سوال ھي آھي تہ جڏھن ھي سرڪاري ڪارخانو بہ ڪونھي ۽ ھڪ يھودي سيٺ جو ذاتي ڪارخانو آھي، جنھن ۾ ھو ٻارھن سوءِ ملازم ۽ مزور سڀ جا سڀ يھودي ڀرتي ڪري ٿو تہ ھنکي ڪھڙو ضرور پيو آھي جو ھي ڪارخانو ھتي اردن نديءَ جي اولھہ واري ڪناري جي پرڳڻي ۾ اچي کوليو اٿائين. اھو تہ ھن کي اسرائيل ۾ کولڻ کپندو ھو. ان طرح انھن ٻارھن سؤ يھودين کي جو پنھنجو گھر گھاٽ ڇڏي ھيڏي اچڻو پوي ٿو، ان تڪليف کان بچي پون ھا.“

”۽ هتي جي عرب رهاڪن جي ڏتل ۽ اڏتل، اڪل ۽ پڌري نفرت جو نشانو بنجڻو نه پوي ها.“

”هتي زمين جو پلاٽ سولو ۽ سستو مليو هوندس.“

”هتي ٽئڪسون بچائڻ جون سهوليتون هوندس.“

”هتي ڪچو مال گهٽ قيمت ۾ ۽ آسانيءَ سان ملندو هوندس.“

”هتي جي آب هوا گهميل آهي، ان ڪري ڪپهه جون تندون جلدي نه ٿيون ٽٽن ۽ اهڙي قسم جو ڪارخانو هتي ئي هلي سگهي ٿو.“

”شايد هتي جي ماڻهن کي جتائڻ چاهين ٿا ته ملڪ جا حاڪم اسين ئي آهيون.“

”حفيفه بندر ويجهو آهي، ان ڪري ٻاهران مشينري گهرائڻ ۽ پنهنجو تيار ڪيل مال ٻاهر موڪلڻ ۾ سستو پوندو هوندو.“

”ڳالهه جو مطلب هي آهي ته اقتصادي ۽ مالي طرح مالڪ توڙي مزورن کي نفعو آهي، تمام وڏو نفعو. اها ئي آهي يهوديت ۽ سامراجيت.“

”توهان کي ياد هوندو ته هي يهودي جڏهن هتي ڪو ڪارخانو کولڻ لڳندا آهن، ته وڏي واڪي چوندا آهن ته هن علائقي جو ڀاڳ کلي رهيو آهي. دولت به وڌندي ۽ ڪارخاني ۾ نوڪريون تر جي ماڻهن کي ملنديون.“

* *

اردن نديءَ جي الهندي ڪناري جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾

”منهنجي ذهن ۾ هڪڙي ترڪيب آهي.“ ابن وهاب چيو، جو ان ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙن مان هڪ نوجوان هو.

هو پوري تفصيل سان پنهنجي رٿا ٻين کي ٻڌائي ٿو.

”ان ۾ جوکو ته وڏو آهي.“

”جوکو رکيو هڪ چٽي ڪي ٿي سگهي ٿو. ٻي حالت ۾ اسان کي پنهنجا سوين ماڻهو موت جي منهن ۾ ڏيڻا پوندا.“ ابن وهاب ورائي ٿو.

* *

ڪارخانو سٺ ايڪڙن ۾ پکڙيل آهي. ان جي چوڌاري ڪنڊن وارن تارن جو اوچو ۽ مضبوط لوڙهو ڏنل آهي. منٿين ڏينهن واري شام جو ئي ابن وهاب ڏاڍي خبرداريءَ سان، لوڙهي جي هڪ ويران پاسي وٽ پهچي ٿو. هو چپي چپي جو واقف آهي. هڪڙي اهڙي هنڌ، جتي لوڙهي اندران ٿورو جهنگل آهي، اتي هو تارن جي وٿين وچان هٿ لنگهائي، ٻوٽن جي وچ ۾ آهستي آهستي هڪڙو بنڊل اڇلائي ٿو.

ٻئي ڏينهن ڊيوٽيءَ دوران، هو بجليءَ لائين جي چڪاس ڪندي، جا ڳالهه هن جي ڊيوٽيءَ ۾ شامل آهي، هو ان هنڌ پهچي ٿو. اتڪل سان ويهي ڪالهوڪو بنڊل کولي ٿو. اهو پاڻي جو هڪ ننڍڙو ڪوڪو آهي ۽ ان ۾ اندر ڪپهه ۾ ويڙهيل هڪ ٽائيم بم آهي. هو بم پنهنجي اوزارن جي ٿيلهي ۾ وجهي ٿو ۽ دستور مطابق ڪارخاني اندر پهچي

ٿو. هڪڙي صفي ۾، جتي پنج سؤ مزور ڪم ڪري رهيا آهن، اتي ڏهاڙي وانگر، پنهنجو بجليءَ جو ڪم ڪندو رهي ٿو. وچهه وٽي مڪ بٽڻ (مين سئچ) جو چار فوٽ ڊگهو ۽ فوٽ ويڪرو ۽ هڪ فوٽ اونهو ۽ پيٽ ۾ لڳل ڪيٽ وانگر آهي ۽ جنهن ۾ اندر ڪافي وٿي آهي، ان ۾ ٽائيم بم رکي ٿو ڇڏي. ۲

* *

هڙتال واري ڏينهن، هو ڪارخاني پهچي ٿو. شهر ۾ جتي ڪٿي سپاهي بندوقون تاڻيو بيٺا آهن. ڪارخاني جي چوطرف به فوج پنهنجي ساز سامان سان موجود آهي. اڄ ابن وهاب کي ڏسي، هر يهودي عجب ٿو کائي.

سيڪو هن کي شڪي نگاهن سان ڏسي رهيو آهي.

هن کان هزارين سوال پڇن ٿا. هو جواب ڏئي ٿو ته مسڪين ماڻهو آهيان ۽ هڪڙي ڏينهن جي پگهار تان هٿ ڪڻ جي پڇت به ڪانهي. ڪارخاني اندر ڇڏڻ کان اڳ هن جي جسم ۽ ڪپڙن جي ٿي پيرا ڇڳيءَ طرح تلاشي ورتي وڃي ٿي.

اندر ڪم ڪندي به هن کي محسوس ٿئي ٿو ته ڇڻ هر ڪو هن تي نگاهه رکي رهيو آهي، بلڪ چوڪسي ڪري رهيو آهي. پر سگهوئي هن کي موقعو ملي وڃي ٿو ۽ هو مين سئچ ڪولي ٽائم بم جو بٽڻ دبائي ٿو ڇڏي....

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ بم ڦاٽو آهي. هڪ ته بم خود به خطرناڪ آهي، وري بجليءَ جي ايڏي زبردست طاقت

ٽڏي تي ٿي مري ويا هئا. انهن ۾ مان هڪڙو هن جو پاءُ هو .... هنن گهڙين جو چڪر هڪ ٻئي پٺيان هلي رهيو آهي ... جڏهن باقي پنج منٽ وڃي ٿا رهن ته هو صفا گهٻرائجي ٿو وڃي، اصل پنواتي اچڻ تي لڳيس. چپ ۽ زبان سڪي ٿا وڃنس. اوچتو ”مان پيشاب ڪرڻ ٿو وڃان.“ ٢
چئي، هو هڪدم ٻاهر ڊڪ ٿو پائي. ٻهودي نه هن جي تاڙ ۾ بيٺا آهن ۽ هن کي گهٽو پري پهچڻ کونه ٿا ڏين. ڪنهي، اندر وڏي مستريءَ آڏو ٿا آڻينس. سيني جي چهرن تي پريشاني مڙي آئي آهي. ابن وهاب پيلو پئجي ويو آهي ۽ سچو ڏڪي رهيو آهي . مستري ڪاوڙ مان هن کي ٽڦا ٺوڪي ڪري ٿو ۽ هن جو پهريون سوال اچا چپن تي ئي آهي جو وڏو ڌماڪو ٿئي ٿو، جو ڪوهن تائين ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.... چئين جو پرزا پرزا ٿي اڏامڻ ، پٿين جو ڊهڻ ، دونهون، دز، انڌيرو، باهه، شعلا، ماڻهن جون رڙيون!

۴- مارچ ۱۹۸۲

## آواز ذي ڪٿي آن!

لڪين ماڻهو پهچي ويا آهن ۽ اينڌڙن جو سمنڊ جاري آهي. ڪل گهوڙيون، ڦٽ ڦٽيون، موٽرون، بسون، بگيون ۽ گڏهه گاڏيون ماڻهن سان پريون پچنديون ٿيون اچن. هيڏانهن اينڌڙ ٽئڪسين ۽ بسين وارا اهو به خيال ڪونه ٿا ڪن ته چڙهندڙ پاڙو ڏين ٿا يا نه. هوائي اڏي جا ميدان، ترسڻ جايون، ورانڊا، صُفا، ڪونيون، هوٽلون، گٽس، گئلريون ۽ ڇتيون خلق سان سٽجي ويون آهن. هتي جا سرڪاري ملازم، سيڪورٽيءَ جو عملو، پوليس توڙي ڪسٽم وارا اڄ ڏاڍا خوش طبع ۽ درياهه دل بنجي پيا آهن ۽ ماڻهن سان وهنوار ۾ پنهنجيون مرڪون اصل اربيو ٿا ڇڏين. مرڪ ته هر چهري تي آهي. ميٺاج به هر چهري تي آهي. رونق به هر چهري تي آهي. ائين ٿو ڏسجي ته ماڻهو پوري وايومنڊل ۾ سُرَ ۽ ماڪي ٿا محسوس ڪن. هر آواز سريلو آواز بنجي ٿو وڃي. هجوم جو گوڙ، اڏند جهاز، جي ٿوري ٿوري وٿيءَ ڪان پوء پيا ٿا لهن چڙهن تن جا گهوگهٽ، گاڏين ۽ موٽرن جا رينگٽ، هوا جا سوسٽ، هر گونج، هر پڙاڏو، سڀ موسيقيءَ جو روپ وٺي رهيا آهن. ماڻهن جي ذهنن مٿان ڪو مٺڙو

عبادت ٿي سمجهان، انڪري جڏهن ڳائيندي آهيان ته جڻتي لاهي پير اگهاڙا ڪري ڇڏيندي آهيان.“ جيتوڻيڪ ڊاڪٽر سوچيو ته اها ڪا نئين ڳالهه ڪانه آهي. اهو هڪڙو اصطلاح آهي جو صدين کان استعمال ٿيندو اچي. جنهن جو به پنهنجي فن يا ڌنڌي سان بيحد ذاتي چاهه يا عشق هوندو آهي ته هو ان فن يا ڌنڌي کي پنهنجي عبادت چوندو آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر پنهنجو شخصي ويچار هئي نموني سوچيو هو. هو پڻ چوندو هو ته ڊاڪٽري منهنجي عبادت آهي. هڪ پيري خيال آيو هوس ته اها هڪ رسمي سوچ آهي. تنهن کان سواءِ عبادت جي لفظ سان مذهب جو تصور ڳنڍيل آهي ۽ اها تشبيهه يا اهو اصطلاح استعمال ڪري مذهب کي اهميت يا برتري ڏيڻ هنکي نه ٿي وڻيو. بهرحال ريڊئي تي پنهنجي پسند جي ڳائڻيءَ جي واتان اها ڳالهه هن کي ڏاڍي ڀلي محسوس ٿي هئي.

ڊاڪٽر جي اسپتال جو ڊائيم آهي، ان ڪري اڏند جهاز جي مقرر مهل کان ٿورو ئي اڳ اچي سهڙي ٿو. هو ان اتاهه انبوهه جو حصو بنجي وڃي ٿو جنهن ۾ هر قوم، هر زبان، هر طبقي، هر مذهب، هر عمر، هر جنس ۽ هر سوچ جا ماڻهو شامل آهن. اڳواٽ اعلان ٿي چڪو آهي ته اڏند جهاز هڪڙو ڪلاڪ ليٽ پهچندو. ڊاڪٽر ميڙ ۾ پيرسان ڪنهن کي چوندي ٻڌي ٿو ته هي ته هڪڙو ڪلاڪ آهي، پر جي هڪڙو سال ليٽ ٿئي ته به انتظار ڪبو. ڊاڪٽر به بنا ارادي دل ئي دل ۾ ورجائي ٿو: ها، هڪڙو سال ليٽ

جني شدت جنون جون حدون ڇهڻ لڳي . پنهنجي اها خواهش کنهن به نموني پوري ڪرڻ خاطر سوچيندو رهيو.... اڄ جنهن روپ ۾ هوائي اڏي تي پهتو آهي ۽ بار بار ڳالهئيءَ جي آڏو نمي فرشي سلام ڪري ٿو، تنهن روپ ۾ ڏسي ڊاڪٽر شڪجي ٿو، پر هن کي پوري طرح سڃاڻي نه ٿو سگهي.

١٧- مئي ١٩٨٢

## نارنگي ڌرتي

مان اردن نديءَ جي الهندي ڪپ تي بيٺو آهيان. ان سانئي ملاح جي ٻيڙيءَ جي اوسيڙي ۾ آهيان، جو هتي اچي مون سان ملندو ۽ وقت مقرر ڪري، رات جي اونداهيءَ ۾ هي درياهه اڪاري ٻئي پار پهچائيندو. مونکي روپوش ٿيڻو پيو آهي. راتوڪي مهم ڪانپوءِ، گهر پهچڻ کان اڳ ئي مون کي ڪڙڪ پئجي وئي ته پوليس مونکي پڪڙڻ واسطي منهنجي گهر جو گهيرو ڪري چڪي آهي. يهودين جي جيل ۾ سڙڻ، ڳرڻ ۽ مرڻ کان بهتر آهي ته مان ٻاهر رهي، ڪنهن نه ڪنهن نموني قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺندو رهان. مان ندي پار ڪري، اردن پهچندس ۽ اتي ڪنهن فلسطيني ڪئمپ ۾ پهچي، سڪيا وٺي باقاعدي الفتح جو گوريلو بڻجي ويندس.... پنئين ڏيک ۾ پري پري تائين نارنگين جا باغ آهن. توهان هن درياهه ۽ نارنگين جي وڻن کي منهنجي نظرن يا هڪ فلسطينيءَ جي نظرن سان ڏٺو آهي؟.... پڪل نارنگين وارو وڻ دنيا جي حسين ترين وڻ آهي. چهچ سائي رنگ جي پنن جي وچ وچ ۾ گول گول نارنگي رنگ جون نارنگيون. رنگن جو هيڙو دلڪش فرق

(Contrast) دنيا ۾ نہ پيدا ٿيو آهي ۽ نہ کو پيدا ڪري سگھندو. وري ڪائنات ۾ جيڪي رنگ رچيل آهن، تن ۾ نارنگيءَ جهڙو وڻندڙ رنگ ڪو بيو ٿي ئي نہ ٿو سگھي. هي سونهري، چٽو ۽ چمڪندڙ رنگ. اکين ۾ ويهيو وڃي، پرينءَ جي چهري وانگر. اسين تہ سهڻي ڇوڪريءَ جي چاتين، ڳٽن ۽ رنگ کي نارنگيءَ جي گولائي ۽ رنگ سان تشبيهہ ڏيندا آهيون. صبح جو سج اڀرندو آهي تہ آسمان تي ان جي آجيان واسطي نارنگي رنگ جو غاليچو وڇائجي ويندو آهي. ڪالهوڪي هنگامي دوران، جڏهن پيچ ڊاهہ ۾ نارنگين جي رس سان ڌرتي رنگجي وئي، تڏهن مونکي خيال اڀريو هو تہ اسان جي قومي جاکوڙ انهيءَ پد تي پهتي آهي جو انقلاب جو سورج اڀرڻ وارو آهي. ڪلهوڪي هنگامي اندر مون اهو پڻ ڏٺو هو تہ پورهيتن جي زخمن مان جو رت وهي رهيو هو، سو ڳاڙهو نہ هو. اهو نارنگي هو. ڳاڙهو رت تہ سيٺين، سرمائيدارن ۽ پيٽ ڀريل وارن جو ٿيندو آهي. بکئي پيٽ وارن پورهيتن جي رت ۾ ڳاڙها جزا گهٽ ٿيندا آهن ۽ پاڻي گهڻو ٿيندو آهي، ان ڪري انهن جو رت ڇڊو ۽ نارنگي نظر ايندو آهي.... درياهہ جي ڪري هي ڏيک بيحد سندر لڳي رهيو آهي. سانوڻي ختم ٿي چڪي آهي. درياهہ لٽل آهي ۽ ان جو پاڻي نيم شفاف آهي. انہ نهارجي ٿو تہ آسمان سميت پورو ماحول ان ۾ سمايل ڏسجي ٿو. نارنگيءَ جي وڻن جا لڏندڙ اولڙا دل کي لپائيندڙ لڳن ٿا. شوق پيو ٿئي تہ پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏئي، انهن اولڙن ۾ وڃي هٿ

وجهجي. جڏهن ڪلثوم هتي مون سان گڏ هوندي آهي ته هن نظاري جي سندرتا جو انت ئي نه رهندو آهي. ڪلثوم، جنهن جا اره نارنگين جهڙا آهن، جنهن جون مِٺون نارنگين جهڙيون گول مٺول آهن ۽ جنهن جو رنگ سونهري نارنگي آهي. وري هنجي پوشاڪ جي پسند جو رنگ به نارنگيءَ جي وڻ جي پنن وارو آهي. چکڻ تي هنجو ذائقو به نارنگيءَ جي رس جهڙو آهي: کٽڙو مٺڙو، خمار ڏيارينڌڙ. هن ۾ سڳنڌ به نارنگيءَ وارو رچيل آهي، شايد نارنگين جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ ڪري .... ڪارخاني ۾ جڏهن نارنگيءَ جي رس سان بوتلون ڀريندا ويندا آهيون، تڏهن اهي بوتلون، منهنجي اکين ۾ ويهي وينديون آهن، منهنجي جيءَ ۾ جڙي وينديون آهن، منهنجي من جو نار بنجي وينديون آهن. اهي بوتلون مون کي بيحد خوبصورت لڳنديون آهن ۽ ڪلثوم، جا پڻ ان ڪارخاني ۾ ڪم ڪندي آهي، سا به مون کي نارنگيءَ جي رس ڀريل هڪ بوتل ڀاسندي آهي. .... پر هيءَ بورجوا سوچ منهنجي دماغ ۾ ڪيئن ايري، جو هڪ انسان کي وکر (Commodity) پيو سمجهان. سو به ڪلثوم جهڙي بياري ۽ پياري انسان کي! شايد نارنگي منهنجي دل ۽ دماغ تي ايڏو ڇانيل آهي، جو اهڙي قسم جون تشبيهون پائمرادو بنا سوچ منهنجي ذهن ۾ پيدا ٿيو پون. هونءَ ڪلثوم نه رڳو صورت جي سندر آهي، پر سگهاري، وڏي دلير ۽ سرويچ پڻ آهي. ڪالهه يهودين، اسان فلسطينين جي گهرن، دڪانن ۽ ڪارخانن تي اوچتو حملو ڪري

جوابي ڪارروائي جو سوچڻ ۾ دير نه ڪئي. وقت اسان ۾ پڻ ڦيرو آندو آهي. اسانجي قوم جو هر فرد زير زمين ويڙهو سڪيا وڃڻ جو ڪوبه وجهه هٿان نه ڇڏيندو آهي. اسان اهو به پروڙيو آهي ته اسانجي قوم جا ڪي جاگيردار ۽ سرمائيدار پنهنجن جا ويري آهن ۽ يهودين جا ڇاڙتا ٿي ڪم ڪن ٿا. اهي به اسانجي تحريڪ جو نشانو بڻجي رهيا آهن. اسانجي ماڻهن ۾ اڳين مايوسي، بيحسي ۽ بي شعوري ڪانه رهي آهي. اڳي اسانجو عوام ڪمتريءَ جي احساس ڪري خود رحمي (Self-pity) جو روڳي هو. پاڻ تي رحم کائڻ وارا ۽ دنيا کي اهو چئي همدردي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارا ته اسين ته سنوان سڌا ۽ مهمان نواز آهيون، اسين ته ڏاڍا شريف آهيون، پر ٻيا اسان تي ڏاڍايون ٿا ڪن. سي ويچارو بڻجڻ بدران، ستائيندڙ ۽ ڏاڍايون ڪندڙ کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ لڳا آهن. اسانجي شاعرن ۽ اديبن جي ذهنيت ۽ روش ۾ به وڏي تبديلي اچي وئي آهي: هتي جي ڪن ليکڪن پنهنجي ذات ۽ پنهنجو فن پنهنجي ئي ذات لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو، سو به اهو ثابت ڪرڻ واسطي ته هو ٻيڙا پوڳيندڙ يا ٻيڙا پوڳيندو رهندڙ جيوُ آهن ۽ بس. هو پنهنجي ان تخليق کي ڪامياب سڏيندا هئا، جنهن ۾ اها ئي ڳالهه ثابت ڪئي وئي هجي. فن به هو اظهار جي ان اسلوب کي چوندا هئا، يا اظهار جو اهڙو اسلوب اختيار ڪندا هئا، جو ٻين جي سمجهه ۾ ته ڪونه ايندو هو، پر هو پاڻ يا هنن جا ڪجهه همخيال دوست ان تي واهه واهه ڪندا هئا. گهڻا

جي تقاضا اها آهي ته ماڻهو ڪارڪن ڪهاڻيڪار، ڪارڪن شاعر، گوريلو ڪهاڻيڪار يا گوريلو شاعر بڻجي. اسان جا ڪجھ ليکڪ، گوريلا ڪارڪن بڻجي ويا، ۽ ڪجھ ڪارڪن ۽ گوريلا ليکڪ بڻجي ويا. اهڙا ليکڪ، پيشوا، حاڪم يا بزرگ بڻجي ناصحاڻي يا حاڪماڻي انداز ۾ نصيحت نه ٿا ڪن يا حڪم نه ٿا ڏين، پر پاڻ کي ڪارڪن ۽ عوام مان سمجهي پاڻ کي به شامل ڪري، گڏيل عمل جو سڏڙو ٿا ڏين. اسان جا شاعر، هاڻي اهڙن اصطلاحن ۽ تشبيهن استعمال ڪرڻ کان به پاسو ڪندا آهن، جن جي پس منظر ۾ بي عملي هجي ۽ ان ۾ انسان جي شعوري ۽ عملي جاکوڙ جو دخل نه هجي. هو ائين نه چوندا آهن ته: آخر ته ڪرندو ڦهري ڪوٽ .... پر پڪاريندا آهن ته: اچو ته ڪيرايون ڦهري ڪوٽ. هو ائين نه چوندا آهن ته: اوندهه ويندي ايرندو سورج.... پر پڪاريندا آهن: ڪرڻو آهي اونداهي رات کي روشن. هو اهڙين شين جي تشبيهه ئي نه ڏيندا آهن، جي پنهنجي وس ۽ ارادي جون مالڪ نه آهن. انهن خصوصيتن ڪري هاڻوڪو فلسطيني ساهت، دنيا جي ساهت ۾ مٿاهون مرتبو ٿو رکي .... هـا، سو اسانجي فلسطيني تنظيم جوابي ڪارروائيءَ جو سوچڻ ۾ دير نه ڪئي. رات جو ئي يهودي وسنديءَ تـي ڀـرپور حملو ڪيوسين. پـر ڏسجي ٿـو ته اتي ڪنهن مونکي سڃاڻي ورتـو آهي؛ ۽ هاڻي مونکي روپـوش ٿي ڪم ڪرڻو پوندو، پنهنجي نارنگي ڏرتيءَ خاطر ....

———

۳- سيپٽمبر ۱۹۸۲

---

## ڪاري ڪاوڙ

آمريڪا جي ميامي شهر جي سمنڊ جي ڪناري هڪڙي هوٽل. ويٽلن ۾ رکيو شيدي. ڳچ وڏيڪ شيدين جو اڇي ڪٽو ٽيم. سيني جون نظرون ٽي - وي ءَ تي. خبرون پڙهندڙ جي خبر پڙهڻ: اڄ آرٿر مڪڊوفي ڪيس جي فتوا ٻڌائي وئي....

اها فتوا ٻڌڻ لاءِ ئي ته هيترا شيدي بيتاب ويٺا آهن. فتوا ٻڌي، هنن جا منهن ڳاڙها ٿي وڃن ٿا. منهن ڳاڙهو ٿي وڃڻ ته هڪ چوٽي آهي. هنن جي ڪاري روڏي رنگ تي، ڳاڙهي رنگ جو اچڻ ڪيئن محسوس ڪري سگهبو. ان ڪري هتان جا گورا، هنن جي چهري مان، هنن جي ڪاوڙ معلوم ڪري نه سگهندا آهن. ڪاوڙ جو اثر اکين ۾ به پڌرو ٿيندو آهي. اکيون ڳاڙهيون ٿي وينديون آهن ۽ گهورڻ لڳنديون آهن. پر شيدي، گورن کان ايترو هيسيل ۽ دٻيل هوندا آهن جو ڪڏهن به هنن سان اکيون اکين ۾ ملائي نهاري نه سگهندا آهن، ان ڪري اکين مان به گورا شيدين جي ڪاور محسوس ڪري نه سگهندا آهن. هو ٿا ٿي هو سوچين ٿا ته هنن کي پنهنجي ڪاوڙ ڏيکارڻ جو ڪو

هيو طريقو اختيار ڪرڻو پوندو.

فتوا جي خبر پوري ٿيڻ کان پوءِ هوٽل جو مالڪ، جو بہ شيدي آهي، غصي مان ٻڙڻ ڏياٽي، ٽي-وي بند ڪري ڇڏي ٿو.

”پاڻي چلڪندو آهي، پاڻي اپامندو آهي، پاڻي ڄمي برف جي صورت ۾ سخت ٿي ويندو آهي. تبديليءَ ۾ زندگي آهي، چرپر جيون جو اهڃاڻ آهي.“ هڪڙو شيدي، جو ڪئليفورنيا يونيورسٽيءَ مان سياسي سائنس (Political-Science) ۾ ايم-اي آهي، سو سمنڊ جي ڇولين ڏي ڏسندي چوي ٿو: ”پر ڇا اسين پٿر آهيون، جنهن تي نہ گرمي اثر ڪري نہ سردي. راڄنيتي، پنگتي ۽ گذراني ميدانن ۾ اسان سان هيٺريون ڏاڍايون، زيادتيون ۽ اڻبرابريون آهن، پر اسين پٿر وانگر بيحس آهيون.“

ويٽنام مان هرهڪ جي ذهن جي ٽي-ويءَ جي پردي تي، هن شهر سياسيءَ ۾ سنڌن هر رنگ وارن سان تازو ٿيل ظلمن جون تصويرون ايرڻ لڳن ٿيون:

هڪڙي تصوير.... گورا سپاهي، هڪڙي شيدي ماستر جي گهر تي ڇاپو هڻن ٿا. گهر جي جهاڙو وٺي، سامان ڏانوانڊول ڪيو وڃي ٿو. ماستر کي ماري مـاري اڌمئو بنايو وڃي ٿو. پوءِ پتو پوي ٿو تہ پوليس نشيدار شين جي هڪ سمگلر جي تلاش ۾ غلط ائڊريس تي هن ماستر جي گهر ۾ گهڙي هئي. ماستر ڪورٽ ۾ فرياد ڪري ٿو، پر ڪو داد ڪونہ ٿو ٿئي.

ٻي تصوير.... هڪڙو گورو پوليس وارو، هڪڙي بيگناهه شيدي نوجوان کي گولي هڻي ماري ٿو. ڪورٽ هن کي اهو چئي ڇڏي ٿي ڏئي ته بندوق پنهنجي مان ڇٽي وئي هئي.

ٽين تصوير.... هڪڙو گورو سپاهي، واٽ ويندڙ هڪڙي ٻارهن سالن جي شيدڻ ڇوڪريءَ سان زوريءَ زنا ڪري ٿو. ڪورٽ هن تي ڪيس هلائڻ بدران، سپاهيءَ کي تربيت گاهه (Reformatory) ڏانهن موڪلي ڏئي ٿي.

چوٿين تصوير.... تعليم کاتي جو هڪ شيدي علمدار موٽر لاءِ ورتل ائڊوانس جي قسط وقت اندر ڀري نه ٿو سگهي. هن کي نوڪريءَ مان ڪڍيو وڃي ٿو ۽ ڪيس هلائي قيد جي سزا ڏني ٿي وڃي.

پنجين تصوير.... سوين هزارين شيدي، روزگار جي تلاش ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا. انهن کي نوڪرين کان جواب ڏنو ٿو وڃي. پر ويٽنام ۽ ڪيوبا مان آيل پناهگير، جن کي سياسي مقصدن لاءِ هتي پناهه ڏني وئي آهي، تن کي اول نوڪريون ڏنيون وڃن ٿيون. ڀورين گورا، پوءِ پناهگير ۽ پڇاڙيءَ ۾ شيدي، اهو هتي جو سماجي سٽاءُ بڻجي ويو آهي.

تازي تصوير، جنهن جي سلسلي ۾ هينئر هو ڪورٽ جي فتوا ٻڌي چڪا آهن، سا سندن اکين آڏو پئي ڦري.... شيدي موٽر سائيڪل سوار آرٿر مئڪڊوفيءَ کي رستي جي قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي الزام هيٺ روڪيو وڃي ٿو. چار گورا سپاهي، هن کي ايترو مارين ٿا، جو هو مري

وچي ٿو. سپاهي رڪارڊ ۾ ڏيکارين ٿا ته آرٿر مئڪڊوفي، رستي جي حادثي ۾ مئو آهي. شهر جا شيدي احتجاج ڪن ٿا، ۽ حقيقتون ۽ ثابتيون ڪورٽ ۾ پيش ڪن ٿا. ڪيس ٣٩ ڏينهن هلندو رهي ٿو. جج ۽ جيوري وارا سڀ گورا آهن. اڄ ٽي - وي ۽ تي فتوا ٻڌائي وچي ٿي: "چارئي سپاهي بيڏوهي آهن ۽ هنن کي عزت سان آزاد ڪيو ٿو وڃي!"

هن هوٽل ۾ ويٺل، ٻين اهڙين هوٽلن ۾ ويٺل ۽ گهرن ۾ ويٺل شيدين جي دلين ۾، هيءَ خبر ٻڌي، هڪ ئي وقت جوالا مکي ڦاٽي پوي ٿو، اهو جوالا مکي جو ورهين کان يا شايد صدين کان ٻري رهيو هو. هو رستن تي نڪري اچن ٿا ۽ مياميءَ جو سڄو شهر ٻرڻ لڳي ٿو.... نڪاءَ ڦٽاڪا، ڌماڪا، واڪا، رڙيون، ٻيچ ڊاهه، ڦرلٽ، باهيون. باهين سان، رات هوندي، مياميءَ جو شهر ڏينهن جهڙو روشن ٿي وڃي ٿو.... سرڪار جا انگ اکر: ١٦ ماڻهو مئا ٣٥٠ ڦٽيا ۽ ٧٠٠ گرفتار ٿيا.... شيدي مطمئن آهن ته هنن جي ڪاوڙ کي، هنن جي چهرن ۽ اکين مان نه ٿي سڃاتو ويو ته هنن جي ڪاوڙ نئون رنگ اختيار ڪيو آهي، ۽ گورا انهيءَ کوجنا ۾ لڳي ويا آهن ته پتڙ، پاڻي ڪيئن ٿيو!

نيو فيلڊس پبليڪيشنس طرفان جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

---

**آسبر (عاشي جي واپسي)** سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي

(The Return of She)

**ٽڪل سريت** ترتيب ڏيندڙ: ولي رام ولڀ

(اٽليءَ جي مشهور ڪهاڻيڪار البرٽو موراويا جي ڪهاڻين جو مجموعو)

**لڏڪار** (نجم عباسي جي ڪهاڻين جو مجموعو)

**آسڪر والڊ جا خط** سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي

De Profundis by Oscar Wilde

**قلندر** سنڌيڪار: مدد علي سنڌي

(قرة العين جي ڪهاڻين جو مجموعو)

**رات وچ ۾** سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي

Death has three lives by Brett Haliday

**سپون** سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي

(جبران خليل جي مختلف افسانن ۽ مضمونن جو ترجمو)

**تصوير جو خون** سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي

Picture of Dorian Gray by Oscar Wilde

نيو فيلڊس طرفان ۱۹۸۲ع ۾ شايع ٿيل ۱۲ ڪتابن جو سيٽ ۱۸۴ رپين جي بجاءِ ۱۴۰ رپين ۾.

---

**ڪتاب ۽ مصنف:** ۱- فڪر جي آزادي / ابراهيم جويو ۲- غلامن جو پيڙو / دوست محمد پٺي ۳- منهنجو ساگر، منهنجو ساحل ۴- سي ڏي جوين ڏينهن ۵- سي پيڙيون رکين پاڇهہ سين ۶- جپان رس ۷- سانپاهو سمونڊ جو / الطاف شيخ ۸- عاشي ۹- سدارت ۱۰- روح جي ڪولا / فضل احمد بچاڻي ۱۱- درد جا ڏينهن، درد جون راتيون / طارق اشرف ۱۲- سورج هوندي مرجهايل / نجم عباسي.

گهر ويٺي ۱۲ ڪتابن جو سيٽ گهرائي ۴۴ رپين جي بچت ڪريو. ٽپال خرچ ادارو ڀريندو.

---

نيو فيلڊس جو شايع ٿيل چوٿيهون ۽ پنجٽيهون ڪتاب

---

## درد جا ڏينهن، درد جون راتيون

(طارق اشرف جي ۱۸ ڪهاڻين جو مجموعو)

خوبصورت ٽائيٽل صفحا ۲۸۰ قيمت ۰۰—۲۰ رپيا

## سانپاهو سمونڊ جو

(الطاف شيخ جو نئون ۽ دلچسپ سفر نامو)

خوبصورت ٽائيٽل صفحا ۱۹۲ قيمت ۰۰—۱۳ رپيا

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو شايع ٿيل نئين ڪتاب

## جيپان رس

الطاف شيخ

(جپان معلق الطاف شيخ جو بهترين ڪتاب)

خوبصورت ٽائيٽل     قيمت ۱۵ رپيا

---

## نيو فيلڊس پبليڪيشنس کان الطاف شيخ جا هيٺيان ڪتاب گهرائي سگهجن ٿا

| | | |
|---|---|---|
| ۱- | وايون وڻجارن جون .... | ۱۲ رپيا |
| ۲- | منهنجو ساگر، منهنجو ساحل | ۱۲ رپيا |
| ۳- | سي ٿي جوين ڏينهن | ۱۲ رپيا |
| ۴- | سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين | ۱۲ رپيا |
| ۵- | جپان رس | ۱۵ رپيا |
| ٦- | پيار جي گهٽ | ۱۰ رپيا |
| ۷- | چا جو ديس ڇا جو وديس | ۱۰ رپيا |
| ۸- | ڳالهيون تنهن جپان جون | ۱۰ رپيا |
| ۹- | خدا ڏي خط | ۱۰ رپيا |
| ۱۰- | ارائونڊ دي ورلڊ | ۱۲ رپيا |
| ۱۱- | جاني تہ جهاز ۾ | ۱۰ رپيا |
| ۱۲- | سانياهو سمونڊ جو | ۱۳ رپيا |

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو شايع ٿيل ستاويهون ڪتاب

# غلامن جو ٻيڙو

هي ڪتاب ايرڪ ڪارڊر جي انگريزي ناول "SLAVE SHIP" جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن ۾ 1843ع ڌاري ڏکڻ ڪئرولينا کان نڪتل غلامن جي ٻيڙي جيمو بيليشن ۾ وار ڪاندارينڊڙ جهيڙا ۽ مقابلا. غلامن سان ٿيندڙ لڱ ڪاندارينڊڙ واقعا ۽ حادثا، ۽ ٽن انسانن جو خاتمو جنهن ۾ غيور اشانٽي قوم جي جوڙي آڊوڪي جو انت. عياش هاريٽبي جو انجام ۽ دنيا جو مشهور مضمون نويس ۽ صحافي جيڪو غلامن جو واپار بند ڪرائڻ لاءِ زندگيءَ ڪي داءَ تي لائي ٿو ڇڏي سو به غلام خريد ٿو ڪري. معصوميت جو خون ٿيندو ڏسي پاڻ به خون ٿو ڪري. ناول جي شڪل ۾ بيان ڪيل آهن جيڪي هيٺيهينئين وارو پڙهي نه سگهندو ۽ ڏاڍي دل وارو هڪ دفعو ڪتاب هٿ ۾ کڻندو ته شايد بند نه ڪندو جيستائين سڄو ڪتاب پڙهي پورو نه ڪري. هن ناول ۾ طاقت ۽ پاور، ظلم ۽ رحم، عشق ۽ معصوميت، عيش ۽ نشاط، محبت ۽ نفرت، مبادي ۽ منتها جا ڪئين نفسياتي موڙ پڙهندڙ محسوس ڪندو ۽ چند منٽ ويهي ويچار ڪندو.

خوبصورت ٽائيٽل
ڪل صفحا 288
قيمت -/20 رپيا

گهرائڻ لاءِ لکو:
**نيو فيلڊس پبليڪيشنس**
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو شايع ٿيل اوڻٽيهون ڪتاب

# عاشي (SHE)

* هن ناول ۾، حضرت عيسيٰ جي ولادت کان به گهڻو اڳ جي هڪ پراسرار عورت جو هڪ نرالو داستان سمايل آهي، جيڪا بي پناه قوت، لازوال حسن ۽ غيرمعمولي سياڻپ جي مالڪ هئي——!
* جنهن ڪروڌ ۾ اچي پاڻ پنهنجي محبوب کي قتل ڪيو ۽ پوءِ ڪن صدين تائين هنجو انتظار ڪندي رهي....
۽ جڏهن ڪن صدين کان پوءِ هو وٽس هليو آيو تڏهن زندگي جو اصول بدلجي چڪو هو....!
* مصري قوم کان به گهڻو اڳ جي هڪ پراسرار قوم هن کي "سدا حيات فرمانروا عاشي" جي نالي سان سڏيندي ۽ سندس اطاعت ڪندي هئي——! مگر هنجي صورت ڏسڻ به ڪين نصيب نه ٿي هئي——!
* هوءَ هڪ لاش سان ڳتيل پيرئمڊ ۾ رهندي هئي!
* هي ناول ١٨٨٦ع کان باقاعدي لکن جي تعداد ۾ ڇپبو اچي ۽ هٿون هٿ کپندو اچي. هن ئي ڪتاب جي تتبع (Adaptation) تي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ اڪيچار ناول لکيا ويا آهن ۽ فلمون ٺاهيون ويون آهن.

مصنف: هنيري رائڊر هئگرڊ

سنڌيڪار: فضل احمد بچاڻي — گهرائڻ لاءِ لکو:

ڪل صفحا ٤٠٠ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس

قيمت 25/- — ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.

# نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا ڇپايل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١- | بين‌الاوامي نون ۽ تنظيم | فيروز احمد | ١٢—٠٠ |
| ٢- | جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ١) | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ٣- | اڌ ملاقات | طارق اشرف | ٨—٠٠ |
| ٤- | جيل گهاريم جن سان | طارق اشرف | (ختم ٿيل) |
| ٥- | جيل ۾ ٢٢ مهينا (ڀاڱو ٢) | طارق اشرف | ٨—٠٠ |
| ٦- | زندگيءَ جو تنها مسافر | طارق اشرف | ٨—٠٠ |
| ٧- | ٤ مارچ ۽ سنڌي جوڌا | — | (ختم ٿيل) |
| ٨- | بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون | مخلف ڪهاڻيڪار | ١٢—٠٠ |
| ٩- | اونداهي ڌرتي روشن هٿ | آغا سليم | (ختم ٿيل) |
| ١٠- | رات منهنجي روح ۾ | غلام نبي مغل | (ختم ٿيل) |
| ١١- | ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ١) | مختلف ڪهاڻيڪار | (ختم ٿيل) |
| ١٢- | ٿڌا چپ (ڪهاڻيون) | ايشور چندر | (ختم ٿيل) |
| ١٣- | واڍيون وڻجارن جون | الطاف شيخ | ١٢—٠٠ |
| ١٤- | ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ڀاڱو ٢) | مخلف ڪهاڻيڪار | ١٠—٠٠ |
| ١٥- | بندر بازاريون (سفرنامو) | الطاف شيخ | ١٢—٠٠ |
| ١٦- | شڪليون (خاڪا) | عبدالقادر جوڻيجو | ١٠—٠٠ |
| ١٧- | يادگار ڪهاڻيون | مخلف ڪهاڻيڪار | ١٠—٠٠ |
| ١٨- | ٽين دنيا جون ڪهاڻيون | ولي رام ولڀ | ١٠—٠٠ |
| ١٩- | عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون | فيروز احمد | ١٢—٠٠ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٢٠- | دل جو بندر (ناول) | نصير اعجاز | ١٢—٠٠ |
| ٢١- | دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون) | مدد علي سنڌي | ١٢—٠٠ |
| ٢٢- | رهيل رض (ڪهاڻيون) | ظفر حسن | ١٢—٠٠ |
| ٢٣- | درد جي خوشبو (ناول) | قاضي خادم | ١٨—٠٠ |
| ٢٤- | ڪنهن سان سور سليان | فيروز احمد | ١٢—٠٠ |
| ٢٥- | فڪر جي آزادي | ابراهيم جويو | ٢٠—٠٠ |
| ٢٦- | منهنجو ساگر، منهنجو ساحل | الطاف شيخ | ١٢—٠٠ |
| ٢٧- | غلامن جو پيڙهو (ناول) | دوست محمد پٺي | ٢٠—٠٠ |
| ٢٨- | سي ٿي جوين ڏينهن | الطاف شيخ | ١٢—٠٠ |
| ٢٩- | عاشي (ناول) | فضل احمد بچاڻي | ٢٥—٠٠ |
| ٣٠- | سي پيڙيون رکين پاڄهه سين | الطاف شيخ | ١٢—٠٠ |
| ٣١- | سڌارت | فضل احمد بچاڻي | ١٠—٠٠ |
| ٣٢- | جپان رس | الطاف شيخ | ١٥—٠٠ |
| ٣٣- | روح جي ڪولا | گل محمد شاهرضوي ۽ فضل احمد بچاڻي | ١٠—٠٠ |
| ٣٤- | درد جا ڏينهن، درد جون راتيون | طارق اشرف | ٢٠—٠٠ |
| ٣٥- | سانپاهو سمونڊ جو | الطاف شيخ | ١٣—٠٠ |

گهرائڻ لاءِ لکو: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، سنڌ.